جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC CARTL
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاه
جلد 16 | ڇنڇر 18 اپريل 2026ع بمطابق 29شوال المڪرم 1447هہ | قيمت: 20 | شمارو 192

پاڪستان جي تاريخ ۾ عورتن لاءِ اهم قدم کڻڻ جي شروعات پيپلزپارٽي ڪئي : شرجيل انعام ميمڻ

سنڌ حڪومت جي ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ کاتي پاران سکرجي عورتن ۾ مفت اسڪوٽيون ورهائڻ جي تقريب مقامي هال ۾ منعقد ڪئي وئي

اڄ اهم ڏينهن آهي پاڪستان پيپلزپارٽي ۽ سنڌ حڪومت صدر آصف علي زرداري چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ فريال تالپورجي قيادت ۾ عوام جي خدمت ڪري رهي آهي

قائد عوام شهيد ذوالفقارعلي ڀٽوعورتن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ ڪم ڪيو شهيد محترمه بينظير ڀٽوعورتن لاءِ ويمن پوليس اسٽيشن فرسٽ وومين بينڪ ۽ ليڊي هيلٿ ورڪرز پروگرام شروع ڪيا

صدر آصف علي زرداري بينظيرانڪم سپورٽ پروگرام شروع ڪيو جيڪو دنيا جو وڏو سماجي تحفظ وارو پروگرام بڻيو اڳ عورتن جا شناختي ڪارڊ نہ ٺهندا هئا پر هن پروگرام کان پوءِ عورتن جا شناختي ڪارڊ ٺهڻ شروع ٿيا

چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري دنيا جو وڏو هائوسنگ منصوبو شروع ڪيو آهي جنهن تحت 21 لک خاندانن کي مفت گهر ڏنا پيا وڃن ۽ انهن گهرن جي ملڪيت عورتن جي نالي تي ڪئي پئي وڃي

سنڌ حڪومت عورتن کي مفت اي وي اسڪوٽيون هيلمٽ لائسنس ۽ تربيت فراهم ڪري رهي آهي ۽ هن منصوبي ۾ ڪا بہ سفارش يا ڊونر ايجنسي شامل ناهي

سکر (رپورٽر) سنڌ حڪومت جي ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ کاتي پاران سکرجي عورتن ۾ مفت اسڪوٽيون ورهائڻ جي تقريب مقامي هال ۾ منعقد ڪئي وئي تقريب ۾ قومي اسيمبلي ميمبر سيد خورشيد احمد شاه صوبائي وزير اطلاعات ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ شرجيل انعام ميمڻ صوبائي وزير بلديات سيد ناصرحسين شاه اسپيڪر سنڌ اسيمبلي سيد اويس قادر شاه صوبائي وزير مکي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

وزيراعظم شهباز شريف سان ترڪ پرڏيهي وزير جي ملاقات، انطاليا ڊپلوميسي فورم ۾ شرڪت لاءِ آمد تي ٿورو مڃيو

نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ۽ خاص مددگار سيد طارق فاطمي بہ ان موقعي تي موجود هئا

پرڏيهي وزير حاقان فيدان وزيراعظم شهباز شريف کي انطاليا ڊپلوميسي فورم ۾ شرڪت تي ڀليڪار چيو

صدر رجب طيب اردوان انطاليا ڊپلوميسي فورم جي موقعي تي وزيراعظم سان ملاقات جو منتظر آهي

وزيراعظم محمد شهباز شريف ڀرپور آجيان ۽ روايتي مهمان نوازي تي ترڪ پرڏيهي وزير حاقان فيدان جو ٿورو مڃيو

انطاليا ڊپلوميسي فورم ۾ شرڪت ۽ صدر رجب طيب اردوان سان انطاليا ڊپلوميسي فورم جي موقعي تي ملاقات هن لاءِ خوشي جي ڳالهہ آهي

وزيراعظم شهباز شريف سان ترڪ پرڏيهي وزير حاقان فيدان ملاقات ڪئي ۽ انطاليا ڊپلوميسي فورم ۾ شرڪت لاءِ آمد تي سندس شڪريو ادا ڪيو

انطاليا (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف سان ترڪ پرڏيهي وزير حاقان فيدان ملاقات ڪئي ۽ انطاليا ڊپلوميسي فورم ۾ شرڪت لاءِ آمد تي سندس شڪريو ادا ڪيو. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان مطابق نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ۽ خاص مددگار سيد طارق فاطمي بہ ان موقعي تي موجود هئا. پرڏيهي وزير حاقان فيدان وزيراعظم شهباز شريف کي انطاليا /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

صدر زرداري ۽ وزيراعظم لبنان ۽ اسرائيل ۾ جنگبندي جي اعلان جي آجيان

هن ”لبنان ۾ جنگبندي کي ڇڪتاڻ گهٽائڻ ۽ علائقائي استحڪام ڏانهن هڪ قدم طور ڀليڪار ڪيو آهي : صدر

وزيراعظم شهباز شريف ايڪس تي پنهنجي پوسٽ ۾ ”اميد ظاهر ڪئي آهي تہ هي قدم پائيدار امن لاءِ راهہ هموار ڪندو

پاڪستان لبنان جي خودمختياري ۽ علائقائي سالميت لاءِ پنهنجي اڻٽٽ حمايت کي ٻيهر ورجائي ٿو ۽ علائقي ۾ مستقل امن لاءِ ڪيل هر ڪوشش جي حمايت جاري رکندو

اسلام آباد(بيورو)صدر آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم شهباز شريف لبنان ۽ اسرائيل ۾ جنگبندي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

گڏيل قومن ۾ پاڪستان جي مستقل نمائندي عاصم افتخار آبنائي هرمز جي بندش تي گهري ڳڻتي جو اظهار

پاڪستاني جهازن، عملي ۽ آبنائي هرمز ۾ محفوظ نيويگيشن جي سيڪيورٽي کي يقيني بڻايو وڃي: پاڪستاني نمائندو

پاڪستاني عوام بہ ان کان متاثر ٿي رهيا آهن. ان جا اثر صرف توانائي جي فراهمي تائين محدود نہ آهن

واشنگٽن(م د) گڏيل قومن ۾ پاڪستان جي مستقل نمائندي عاصم افتخار آبنائي هرمزجي بندش/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

اسلام آباد: وفاقي وزير عبدالعليم خان سان ترڪي جو سفير ملاقات ڪندي

سنڌ حڪومت عورتن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ عملي قدمن تي يقين رکي ٿي: ترجمان سنڌ حڪومت

هي منصوبو ساڳئي ويزن جو عڪس آهي جنهن تحت عورتن کي جديد سفري سهولتون فراهم ڪري معاشي ۽ سماجي طور تي مضبوط بڻايو پيو وڃي

اسان جو اقدام ان خيال جي عڪاسي ڪري ٿو تہ عورتن کي نہ رڳو موقعا ڏنا وڃن پر انهن کي اهي وسيلا پڻ فراهم ڪيا وڃن

جن ذريعي اهي هڪ آزاد ۽ باوقار زندگي گذاري سگهن. پنڪ اسڪوٽيز اسڪيم عورتن لاءِ محفوظ، باوقار ۽ آسان سفري سهولتون فراهم ڪندي

ڪراچي(رپورٽر)سکر جي ميئر، سنڌ حڪومت جي ترجمان ۽ سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي جي شريڪ چيئرمين بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ، اڄ سکر ۾ عورتن کي مفت گلابي اسڪوٽيون ورهائڻ جي تقريب کي خطاب ڪندي چيو تہ هي قدم/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر4

صوبائي وزير فيصل ڪالوني ۾ واقع ايس آر اڪيڊمي جي امتحاني مرڪز جو اوچتو دورو

صوبائي وزير ميٽرڪ بورڊ جي چيئرمين کي ٻنهي امتحاني مرڪزن کي فوري طور تي منسوخ ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا

امتحاني عملو غير قانوني طور تي ٻين اسڪولن جي شاگردن کان پرچا حل ڪرائڻ لاءِ وٺي رهيو هو : اسماعيل راهو

مرڪز ۾ گنجائش کان وڌيڪ شاگرد هئا، جيڪو هڪ سنگين خلاف ورزي آهي

ڪراچي(رپورٽر) يونيورسٽيز ۽ تعليمي بورڊن جي صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو شاهہ فيصل ڪالوني ۾ واقع ايس آر اڪيڊمي جي امتحاني مرڪز جو اوچتو دورو ڪيو، جتي بي ضابطگين جو سخت نوٽيس ورتو ويو موقعي تي ڪارروائي ڪندي صوبائي وزير ميٽرڪ بورڊ جي چيئرمين کي ٻنهي امتحاني مرڪزن کي فوري طور تي منسوخ ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي ”ڊيلفا ڪيٽل شو سيزن 5“ جو افتتاح ڪيو

روايتي زراعت جي بدران سائنسي بنيادن تي مال پالڻ وقت جي ضرورت آهي: محمد علي ملڪاڻي

سنڌ حڪومت ننڍن هارين کي آسان شرطن تي قرض ۽ جديد طبي سهولتون فراهم ڪندي: محمد علي ملڪاڻي

مال مويشي ۽ مڇي مارڻ معيشت جي ريڙهہ جي هڏي آهن. برآمدات وڌائڻ لاءِ پرعزم آهيون

ڊيلفا ڪيٽل شو جهڙا واقعا سيڙپڪاري کي فروغ ڏيڻ ۽ ڳوٺاڻي معيشت کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ضروري آهن

ڪراچي(رپورٽر)سنڌ جي لائيو اسٽاڪ ۽ فشريز واري صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي اڄ ڪراچي ايڪسپو سينٽر ۾ منعقد ٿيندڙ ٽن ڏينهن واري ”ڊيلفا ڪيٽل شو سيزن 5“ جو باضابطہ افتتاح ڪيو. تقريب جي منتظمين حارث ع/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

ڪراچي: صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي ”ڊيلفا ڪيٽل شو سيزن 5“ جو افتتاح ڪيو پيو وڃي

ٿرپارڪر: پٽ کي ٽانڪي ۾ اڇلائيندڙ پيءُ خلاف ڪيس داخل

ٿرپارڪر(رپورٽر) ٿرپارڪر ۾ نئين چاول بار ڪي پاڻي جي ٽانڪي ۾ اڇلائيندڙ پيءُ خلاف پوليس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال انتهائي خراب ٿي چڪي آهي : ڪمار گوڪلاڻي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي سيڪريٽري مينارٽي افيئر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

پاڪ نيوي ملٽري اسٽاف ڳالهين جو ٻارهون دور برسلز ۾ منعقد، پاڪ نيوي فوجي لاڳاپا علائقائي سلامتي تي ڳالهيون

برسلز(م د) پاڪ نيوي ملٽري اسٽاف ڳالهين جي ٻارهين دور جو نيٽو هيڊ ڪوارٽر برسلز ۾ من/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

ڪراچي: نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ 2 موٽرسائيڪل سوار فوت

حادثو لانڍي مانسهره ڪالوني پي ايس او پمپ جي ويجهو پيش آيو

حادثي جي اطلاع ملڻ تي پوليس ۽ ريسڪيو ٽيمن جي وڏي نفري فوري طور تي موقعي تي پهچي وئي

ڪراچي (رپورٽر) موٽرسائيڪل تي سوار ٻہ نوجوان اڻڄاتل گاڏي جي ٽڪر ۾ فوت ٿي ويا. حادثو لانڍي مانسهره ڪالوني پي ايس او پمپ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

بشريٰ بي بي کي رات جو اسپتال منتقل ڪرڻ جو اطلاع ڏنو ويو: گوهر

درخواست آهي تہ گهروارن کي بشريٰ بي بي سان ملڻ گهرجي ۽ پي ٽي آءِ جي باني کي بہ علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو وڃي

گهروارن کي بہ پي ٽي آءِ جي باني سان ملڻ گهرجي، باني جي صحت پريشان ڪندڙ آهي، علاج ڪرائڻ سندس بنيادي حق آهي

پي ٽي آءِ جي باني جي زال بشريٰ بي بي جي صحت بابت خبرون پريشان ڪندڙ آهن

اسلام آباد(بيورو) پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين بئريسٽر گوهر چيو آهي تہ اطلاع مليو هو تہ بشريٰ بي بي کي رات جو اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي.هڪ بيان ۾ بئريسٽر گوهر چيو آهي تہ درخواست آهي تہ گهروارن کي بشريٰ بي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

ترڪي: وزيراعظم شهباز شريف سان آمريڪي صدر جو صلاحڪار ملاقات ڪندي

جنگ کي روڪڻ ۾ پاڪستان جو اثرائتو ۽ ذميوار ڪردار ساراهہ جوڳو آهي: ايراني صدر

اسلامي امت جو اتحاد صيهوني حڪومت کي پنهنجن مقصدن حاصل ڪرڻ کان روڪيندو

تهران(م د)ايراني صدر مسعود پيشڪشيان چيو تہ ايران خطي ۾ امن، استحڪام ۽ پائيدار لاڳاپا چاهي ٿو. اسلامي امت جو اتحاد صيهوني حڪومت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

ايران پاران هرموز لنگهہ کولڻ جو اعلان، اسرائيل، لبنان تي بمباري نہ ڪندو، ٽرمپ

آمريڪي صدر چيو آهي تہ لبنان ۽ اسرائيل ۾ 10 ڏينهن جي جنگبندي شروع آهي، ويڙهاڪ تنظيم حزب الله بہ جنگبندي جي پابندي ڪندي، ايران سان بہ جلد معاهدو ٿي ويندو

جنگبندي تي لبناني خوش ۽ اسرائيلي ناخوش آهن، ڏکڻ لبنان ۾ اسرائيلي فوج ڪارروايون جاري رکندي ۽ حزب الله جي خاتمي تائين سک سان نہ ويهبو: الجزيره اسرائيل جي هڪ اخبار

ايران هڪ تمام پيارو ملڪ آهي، هو ايران سان جنگ ڪرڻ نٿو چاهي، پر ان جي ايٽمي پروگرام جي ڪري اهو ڪرڻو پيو ايران جنگ تمام جلد ختم ٿيڻ گهرجي ۽ هي جنگ سٺي نموني ختم ٿيڻ واري آهي: صدر ٽرمپ

واشنگٽن (م د) آمريڪي صدر چيو آهي تہ لبنان ۽ اسرائيل ۾ 10 ڏينهن جي جنگبندي شروع آهي، ويڙهاڪ تنظيم حزب الله بہ جنگبندي جي پابندي ڪندي. هن چيو تہ ايران سان بہ جلد معاهدو ٿي ويندو، جنگبندي تي لبناني خوش ۽ اسرائيلي ناخوش آهن.الجزيره اسرائيل جي هڪ اخبار جي حوالي سان چيو آهي تہ ڏکڻ لبنان ۾ اسرائي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

ڪراچي: صوبائي وزير اسماعيل راهو امتحانن دوران اسڪول جو دورو ڪندي

بشريٰ بي بي جي صحت بابت خبرون پريشان ڪندڙ آهن: شفيع جان

پي ٽي آءِ جي باني، سندس زال بشريٰ بي بي جي صحت بابت خبرون پريشان ڪندڙ آهن

بشريٰ بي بي جي اسپتال منتقلي جي معاملي تي پنجاب حڪومت جي خاموشي افسوسناڪ آهي

پشاور (م د) خيبر پختونخواهہ جي وزير اعليٰ جي اطلاعات بابت خاص مددگار شفيع جان چوڻ آهي تہ پنجاب حڪومت پي ٽي آءِ جي باني ۽/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

نڪاح جي سند ۾ لکيل زيورن ۽ پئسن جي ادائيگي لازمي قرار

مڙس طلاق کان پوءِ بہ شادي جي معاهدي ۾ ذڪر ڪيل پئسا يا زيور ادا ڪرڻ جو پابند هوندو

جيڪڏهن زيور فراهم نہ ڪيا ويا تہ زال ان جي مارڪيٽ ويليو مطابق پئسا وصول ڪرڻ جي حقدار هوندي

لاهور (م د) لاهور هاءِ ڪورٽ هڪ اهم فيصلي ۾ فيصلو ڏنو آهي تہ مڙس طلاق کان پوءِ بہ شادي جي معاهدي ۾ ذڪر ڪيل پئسا يا زيور ادا /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

پاڪستان جي معيشت ۾ زراعت ۽ لائيو اسٽاڪ بنيادي ستون جي حيثيت رکن ٿا : نهال هاشمي

هي شعبو ديهي معيشت جي مضبوط بنياد ۽ لکين ماڻهن جي روزگار جو ذريعو آهي

ڊي ايل ايف اي ڪيٽل شو جهڙيون نمائشون ڪسانن، ماهرن ۽ صنعتڪارن لاءِ هڪ مؤثر ۽ نتيجو خيز پليٽفارم فراهم ڪري ٿو

ڪراچي (رپورٽر) گورنر سنڌ سيد محمد نهال هاشمي چيو آهي تہ پاڪستان جي معيشت ۾ زراعت ۽ لائيو اسٽاڪ بنيادي ستون جي حيثيت رکن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ تيزي، 172,000 جي سطح بحال

اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ واپاري سيشن دوران، 100 انڊيڪس ۾ 2327 پوائنٽس جو اضافو رڪارڊ ڪيو ويو

جنهن کان پوءِ انڊيڪس 172,239 پوائنٽس تي پهچي ويو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ واپاري هفتي جي پنجين ۽ آخري ڏينهن تي تيزي جو رجحان نظر اچي رهيو آهي.اسٽاڪ مار/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

سنڌ حڪومت جو امتحانن ۾ ڪاپي جي خاتمي لاءِ سخت قدمن جو اعلان

نقل ۾ ملوث شاگردن کي نہ رڳو موجوده امتحانن مان فوري طور تي خارج ڪيو ويندو : سردار شاهہ

مستقبل ۾ ڪنهن بہ بورڊ جي امتحان ۾ ويهڻ جي اجازت بہ نہ ڏني ويندي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت ميٽرڪ ۽ انٽرميڊيئيٽ بورڊ جي امتحان ۾ نقل کي ختم ڪرڻ لاءِ سخت ترين قدمن جو اعلان ڪيو آه/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

ڪراچي: ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب شهر جو دورو ڪندي

سکر: صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ تقريب کي خطاب ڪندي

اسحاق جي ڏکڻ ڪورين وزير سان ملاقات، گڏيل تعاون تي ڳالهيون

انقره (م د) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊارجي ڏکڻ ڪوريا جي نائب وزير سان ملاقات/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

گهرو وزير محسن نقوي جي ايراني هم منصب سان ملاقات

تهران (م د) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي ايراني همنصب سڪندي مومني سان ملاقات ڪئي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

لبنان ۾ جنگبندي، ايران آبناءِ هرمز کولڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

لبنان ۾ جنگبندي کي ڏسندي آبناءِ هرمز مان سڀني واپاري بحري جهازن جي اچ وڃ جنگبندي جي باقي مدي لاءِ مڪمل طور کولي رهيا آهيون

جنهن جو اعلان اڳ ئي پورٽس اينڊ ميري ٽائم آرگنائيزيشن آف ايران طرفان ڪيو ويو آهي، جيڪا اسلامي جمهوريہ ايران تحت ڪم ڪندي آهي

تهران (م د) ايران لبنان ۾ جنگبندي ڪانپوءِ آبناءِ هرمز/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

جنگبندي بعد هزارين لبنانين جي گهرن ڏانهن واپسي

جمعي جي صبح سوير محتاط جشنن جي وچ ۾ واپسي جو عمل شروع ٿيو

جيڪو هفتن تائين جاري سخت ويڙهہ کان پوءِ ٿيو آهي بيروت جي اتر طرف ويندڙ رستا گاڏين سان ڀرجي ويا

لبنان(م د)اسرائيل سان اڌ رات کان لاڳو ٿيل جنگبندي کان پوءِ بي گهر ٿيل لبنانين جا هزارين ماڻهو بيروت جي ڏاکڻي مضافات ۽ ڏاکڻي لبنان/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

گورنر سنڌ سان آمريڪا جي قونصل جنرل چارلس گڊمين گورنر هائوس ۾ ملاقات

ڪراچي(رپورٽر) گورنر سنڌ سيد محمد نهال هاشمي سان آمريڪا جي قونصل جنرل چارلس گڊمين/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

دشمن چاهين ٿا تہ ايران انهن جي آڏو هٿيار ڦٽا ڪري، پر خواهش پوري نہ ٿيندي: ايراني آرمي چيف

ڌاڪن جي ٻاهرين دٻاءُ ۽ قاتلانہ حملن جي باوجود، عوام جي لوهي ارادي ۾ ڪو بہ گهٽتائي نہ آئي آهي

دشمنن غلط اندازو لڳايو هو تہ قيادت جي خاتمي سان ملڪ ٽٽي پوندو. جڏهن ايراني سفارتي عملدار ڳالهين ۾ مصروف هئا

تهران(م د)ايراني آرمي چيف آف اسٽاف ميجر جنرل/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

واشنگٽن: وفاقي ناڻي وارو وزير محمد اورنگزيب اجلاس جي صدارت ڪندي

پاور سيڪٽر ملازمن جا مفت يونٽ ختم، اويس لغاري جو اعلان

وزيراعظم شهباز شريف جي قيادت ۾ حڪومت پاور سيڪٽر جي آفيسرن کي ڏنل مفت يونٽ ختم ڪرڻ جو هڪ وڏو فيصلو ڪيو آهي

پاور ڊويزن جي وفاقي وزير اويس لغاري لاهور هاءِ ڪورٽ جي فيصلي جي آجيان

مفت يونٽن جو خاتمو عوام جو پراڻو مطالبو هو، جيڪو هاڻي پورو ٿي چڪو آهي

لاهور (م د) ملڪ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو، وزيراعظم شهباز شريف جي قيادت ۾ حڪومت پاور سيڪٽر جي آفيسرن کي ڏنل مفت يونٽ ختم ڪرڻ جو هڪ وڏو فيصلو ڪيو آهي. پاور ڊويزن جي وفاقي وزير اويس لغاري لاهور هاءِ ڪور/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

هندستان، اسرائيلي ڪتابن ۽ سامان جي درآمد تي پابندي جو نوٽيفڪيشن ڪالعدم

لاهور هاءِ ڪورٽ جي سيني حڪمن کي ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو آهي. عدالت جو فيصلو جسٽس عامر فاروق اڪثريتي راءِ سان جاري ڪيو

پرڏيهي پاليسي ۽ قومي سلامتي جا معاملا مڪمل طور تي حڪومت جي اختيار ۾ اچن ٿا

حڪومت کي اختيار آهي تہ اهو فيصلو ڪري تہ ڪهڙن ملڪن سان واپاري لاڳاپا برقرار رکڻا آهن

اسلام آباد (بيورو) وفاقي آئيني عدالت ڀارت ۽ اسرائيل کان ڪتابن ۽ ٻين شين جي درآمد تي پابندي کي قانوني ۽ آئيني طور تي صحيح قرار ڏيندي لاهورهاءِ ڪورٽ جي سيني حڪمن کي ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو آهي.عدالت جو فيصلو جسٽس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر27

بجلي شارٽ فال، ڪراچي ۽ ٻين شهرن ۾ 10 ڪلاڪن تائين لوڊشيڊنگ

ملڪ ۾ بجلي جو شارٽ فال 4000 ميگاواٽ تائين پهچي ويو

جنهن جي ڪري مختلف شهرن ۾ بجلي جي ڏگهي غير اعلانيہ بندش آهي

ڪراچي (رپورٽر) ملڪ ۾ گرمي جي شدت ۾ واڌ سان گڏ، غير اعلانيہ لوڊشيڊنگ ۾ غير معمولي اضافو ٿيو آهي. ملڪ ۾ بجلي جو شارٽ فال 40 /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

سڄي سنڌ ۾ ڊويزن سطح تي پارٽي عهديدارن جي چونڊ ڪرائي ويندي: صدرالدين راشدي جو فيصلو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي صدر سيد صدرالدين شاه راشدي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

نمائندا گهرجن
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي
سڄي سنڌ مان نمائندا گهرجن
نمائندگي جا خواهشمند رابطو ڪن
جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC CARTL
Daily AWAMI SOACH Karachi
روزاني عوامي سوچ ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاه
صحافت سان وابسطہ خواهشمند هيٺ ڏنل واٽس ايپ نمبر تي رابطو ڪن
رابطي لاءِ
0300 3924502/ 03072308754

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
ڇنڇر 18 اپريل 2026ع بمطابق 29 شوال المڪرم 1447هه

زرعي بحران بابت آبادگارن جي پريشاني ۽ فوري حڪومتي سڌارن جي ضرورت

سنڌ آبادگار بورڊ جي اڳواڻن پاران لاڙڪاڻو پريس ڪلب ۾ ٿيل پريس ڪانفرنس ملڪ جي زرعي شعبي جي موجوده صورتحال تي انتهائي سنجيده سوال اٿاريا آهن. زراعت جيڪا ملڪ جي معيشت جو بنيادي ستون ۽ لکين ماڻهن جي روزگار جو ذريعو آهي، اڄ پاليسي جي غير يقيني، قيمتن جي بي توازني ۽ حڪومتي لاپرواهي سبب سخت دٻاءَ هيٺ آهي

اڪنامڪ سروي ۽ آبادگار اڳواڻن جي دعوائن موجب اهم فصلن ۾ گذريل ٻن ڏهاڪن جي سڀ کان وڏي گهٽتائي ظاهر ٿي آهي، جيڪا ڪنهن به صورت ۾ نظرانداز نٿي ڪري سگهجي. جيڪڏهن زرعي پيداوار ۾ اهڙي لاڳيتو گهٽتائي جاري رهي ته ملڪ نه رڳو خوراڪ جي خودڪفالت وڃائي ويهندو پر درآمدي دٻاءُ به وڌيڪ وڌي ويندو

ڪڻڪ جهڙي بنيادي فصل جي خريداري ۾ دير، مارڪيٽ ۾ غير يقيني صورتحال ۽ قيمتن جو عدم توازن حڪومت جي انتظامي ناڪامي کي ظاهر ڪري ٿو. جڏهن آبادگار پنهنجي پيداوار مناسب قيمت تي وڪرو نه ڪري سگهي ۽ ساڳئي وقت عام شهري اٽو مهانگي قيمت تي خريد ڪرڻ تي مجبور هجي ته اهو نظامي خرابي جو واضح ثبوت آهي

پاڻ، ڊيزل ۽ زرعي لاڳت ۾ مسلسل واڌ آبادگارن جي لاءِ زراعت کي نقصان واري شعبي ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ زرعي مشينري جي خريداري ۾ گهٽتائي ۽ زمين ڇڏڻ جو رجحان مستقبل لاءِ خطرناڪ سگنل آهن

اهو به هڪ اهم سوال آهي ته زرعي پاليسيون ڪهڙن ماڻهن جي مشوري سان ٺهي رهيون آهن؟ جيڪڏهن پاليسي ساز زميني حقيقتن کان واقف نه هوندا ته پوءِ پاليسيون ڪڏهن به ڪامياب نٿيون ٿي سگهن. آبادگارن جي اها شڪايت ته ڪين پاليسي سازي جي عمل ۾ شامل نه ڪيو وڃي ٿو، انتهائي اهم ۽ غور طلب آهي

ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته حڪومت زرعي شعبي کي صرف انگن اکرن جي رپورٽن تائين محدود نه ڪري، پر عملي سطح تي آبادگارن سان گڏجي جامع، مستقل ۽ منصفاڻي پاليسي جوڙي. سبسڊي جو نظام به شفاف ۽ وسيع بنيادن تي هئڻ گهرجي ته جيئن اصل حقدار تائين فائدو پهچي

زرعي معيشت کي بچائڻ لاءِ فوري طور تي ڪڻڪ خريداري نظام کي فعال ڪرڻ، پاڻ ۽ تيل جي قيمتن تي نظرثاني ڪرڻ ۽ آبادگارن کي اعتماد ۾ وٺڻ انتهائي ضروري آهي. جيڪڏهن هاڻي به سنجيدگي سان قدم نه کنيا ويا ته زرعي بحران وڌيڪ گهرو ٿي سگهي ٿو جنهن جو اثر سڌو سنئون ملڪ جي خوراڪ جي تحفظ ۽ معاشي استحڪام تي پوندو. اسان اميد ٿا ڪريون ته سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه کان جيڪو ماضيءَ ۾ سنڌ جي آبپاشي واري وزارت جو وزير به رهيو آهي ڪيس سنڌ جي مختلف علائقن ۾ پاڻيءَ جو نه پهچڻ بابت مڪمل آگاهي هوندي ان سان گڏوگڏ آبادگارن جي مسئلن کي سمجهندي ان جي فوري حل لاءِ فوري قدم کڻندو.

عالمي هيموفيليا ڏينهن: آگاهي کان عمل تائين

آفتاب حسين

هر سال 17 اپريل تي سڄي دنيا ۾ عالمي هيموفيليا ڏينهن ملهايو ويندو آهي هي رڳو آگاهي جو ڏينهن ناهي، پر سوچ ويچار ۽ عملي قدم کڻڻ جو به هڪ اهم موقعو آهي سڄي دنيا ۾ هيموفيليا ۽ ٻين رت وهي وڃڻ وارين بيمارين سان زندگي گذاريندڙ لکين ماڻهن لاءِ هي ڏينهن سندن مسئلن کي تسليم ڪرڻ، وقت سر تشخيص، اثرائتي علاج ۽ برابر طبي سهولتن لاءِ ڪوششن کي مضبوط ڪرڻ جي هڪ اهم ياد ڏيارڻ آهي

سال 2026 جو موضوع "تشخيص نگهداشت ڏانهن پهريون قدم" هڪ اهم حقيقت کي نروار ڪري ٿو ته بغير تشخيص جي علاج جي شروعات ممڪن ناهي افسوسناڪ طور دنيا ۾ 75 سيڪڙو کان وڌيڪ هيموفيليا جا مريض تشخيص کان محروم آهن هي خاموش کوٽ لکين ماڻهن کي روڪي سگهندڙ پيچيدگين، معذوري ۽ حتيٰ موت جي خطري ۾ وجهي ٿي ابتدائي تشخيص رڳو هڪ طبي مرحلو ناهي، پر بقا ۽ بهتر زندگي جي معيار جي بنياد آهي هيموفيليا هڪ ناياب موروثي بيماري آهي، جنهن ۾ رت جمائڻ وارا عنصر (CLOTTING FACTORS) گهٽ هوندا آهن، جنهن سبب جسم لاءِ رت وهڻ روڪڻ ڏکيو ٿي پوي ٿو ان جون ٻه بنيادي قسم آهن: هيموفيليا اي (HEMOPHILIA A): فيڪٽر VIII جي کوٽ

هيموفيليا بي (HEMOPHILIA B): فيڪٽر IX جي کوٽ

ڪجهه ماڻهن ۾ ان جون علامتون هلڪيون هونديون آهن، جڏهن ته ڪجهه ۾ اها شديد صورت اختيار ڪري وٺندي آهي، جنهن ۾ بنا ڪنهن واضح زخم جي اندروني رت وهڻ شروع ٿي ويندو آهي

هيءَ بيماري ايڪس ڪروموسوم سان لاڳاپيل آهي، تنهن ڪري اها مردن ۾ وڌيڪ ڏٺي وڃي ٿي، جڏهن ته عورتون اڪثر ڪري ان جون ڪيريئر هونديون آهن تنهن هوندي به عورتون مڪمل طور محفوظ ناهن ڪيترين ئي عورتن ۾ علامتون ظاهر ٿين ٿيون، پر انهن کي گهٽ ڪري نظرانداز ڪيو ويندو آهي يا سڃاتو ئي نٿو وڃي، جيڪو صحت جي نظام ۾ گهٽ تشخيص ۽ صنفي تعصب جي هڪ واضح مثال آهي هيموفيليا جي خطرناڪ ڳالهه ٻاهريون رت وهڻ نه، پر اندروني رت وهڻ آهي، خاص ڪري جوڙن، عضلن ۽ اهم عضون ۾ بار بار جوڙن ۾ رت وهڻ سان مستقل سور، جسماني بگاڙ ۽ سڄي عمر جي معذوري پيدا ٿي سگهي ٿي مناسب علاج کان سواءِ معمولي زخم به جان ليوا ٿي سگهي ٿو

پاڪستان جهڙن ملڪن ۾ هي مسئلو وڌيڪ پيچيده ٿي وڃي ٿو جتي نظامي رنڊڪون موجود آهن اندازن موجب 10 هزار کان 20 هزار ماڻهو رت وهڻ وارين بيمارين سان زندگي گذاري رهيا آهن، پر 10 سيڪڙو کان به گهٽ مريض علاج لاءِ رجسٽرڊ آهن آگاهي جي کوٽ، علاج جي مهانگائي، سماجي بدنامي ۽ ڪمزور طبي نظام اثرائتي علاج ۾ وڏي رڪاوٽ بڻجن ٿا ڪيترن ئي خاندانن لاءِ زندگي بچائيندڙ ڪلاٽنگ فيڪٽر ٿراپي مالي طور ممڪن ناهي، جنهن سبب اهي فلاحي ادارن تي ڀاڙين ٿا

انهن مسئلن جي حل لاءِ صرف انفرادي ڪوششون ڪافي ناهن، پر قومي سطح تي گڏيل حڪمت عملي جي ضرورت آهي عوامي آگاهي مهمن کي وڌائڻ گهرجي ته جيئن ماڻهن ۾ هن بيماري بابت ڄاڻ وڌي سگهي صحت جي نظام ۾ تشخيصي سهولتن ۽ ليبارٽري خدمتن لاءِ سيڙپڪاري ضروري آهي ڊاڪٽرن ۽ پيرا ميڊيڪل عملي جي تربيت پڻ لازمي آهي، ته جيئن بيماري جي جلد سڃاڻپ ۽ صحيح علاج ممڪن ٿي سگهي

ساڳئي وقت سستي ۽ آسان رسائي واري علاج کي يقيني بڻائڻ انتهائي اهم آهي هيموفيليا جي علاج لاءِ ڪلاٽنگ فيڪٽر ڪنسنٽريٽس (خاص ڪري فيڪٽر VIII ۽ IX) ضروري آهن، پر اهي گهڻن مريضن لاءِ تمام مهانگا آهن حڪومت، غير سرڪاري ادارن ۽ بين الاقوامي تنظيمن جي گڏيل سهڪار سان انهن دوائن کي ضرورت مند ماڻهن لاءِ مفت يا سبسڊي سان فراهم ڪرڻ گهرجي

هيموفيليا جي اثرائتي علاج لاءِ گهڻ شعبن تي ٻڌل (MULTIDISCIPLINARY) طريقيڪار پڻ اهم آهي علاج صرف هيماتولوجي تائين محدود نه هجڻ گهرجي، پران ۾ ٻارن جا ماهر، آرٿوپيڊڪ سرجن، فزيوٿراپسٽ، نفسيات جا ماهر ۽ سماجي سهائتا جون خدمتون پڻ شامل هجن ان سان گڏ قومي مريض رجسٽري جو قيام منصوبابندي، نگراني ۽ وسيلن جي بهتر ورڇ ۾ مددگار ٿي سگهي ٿو

احتياطي حڪمت عملين کي به نظرانداز نه ڪرڻ گهرجي جديد ٽيڪنيڪون جهڙوڪ CHORIONIC VILLUS SAMPLING ۽ AMNIOCENTESIS خاندانن کي ابتدائي تشخيص ۽ باخبر فيصلا ڪرڻ جو موقعو ڏين ٿيون جينيٽڪ صلاح مشوري سان گڏ اهي طريقا بيماري جي بار کي گهٽائڻ ۽ بهتر نتيجا حاصل ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿا

عالمي هيموفيليا ڏينهن صرف هڪ علامتي ڏينهن ناهي، پر هڪ ٽڪڙي ذميواري جي ياد ڏيارڻ آهي تشخيص ۽ علاج تائين رسائي جغرافيه، آمدني يا سماجي حيثيت تي منحصر نه هجڻ گهرجي هي هر انسان جو بنيادي حق آهي آگاهي ۾ سيڙپڪاري ڪريو، صحت جي نظام کي مضبوط بڻايو، علاج کي سستو بڻايو، ۽ جامع نگهداشت کي ترجيح ڏيو خاص ڪري عورتن ۽ محروم طبقات لاءِ مسلسل عزم ۽ گڏيل ڪوششن سان هيموفيليا کي هڪ جان ليوا بيماري مان قابل انتظام مرض ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو هاڻي عمل ڪرڻ جو وقت آهي

فهميده آپگهات ڪيس: تعليمي ادارن ۾ ويٺل بگهڙ ۽ هيسيل هرڻيون

مُشتاق ٿانوري

تعليمي ادارا ڪنهن به سماج جي روح، سڃاڻپ ۽ مستقبل جا بنيادي ٿنڀا هوندا آهن. اهي جڳهيون، جتي علم سان گڏ شعور، اخلاق ۽ انسانيت جو درس ملي ٿو پر افسوس ڪيترين ئي نياڻين انهن ئي ادارن ۾ خوف، اذيت ۽ بي وسيءَ جي زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. جتي روشني هجڻ گهرجي اتي اونداهو آهي، جتي تحفظ هجڻ گهرجي اتي خطرو آهي ۽ جتي خوابن کي پرواز ملڻ گهرجي اتي اهي خواب ٽٽندي نظر اچن ٿا. هڪ نياڻي جڏهن گهر کان ٻاهر نڪري علم حاصل ڪرڻ جي سفر تي رواني ٿئي ٿي پر جڏهن اهو ئي سفر خوف ۽ اذيت ۾ تبديل ٿي وڃي ته اها رڳو هڪ فرد جي نه پر پوري سماج جي ناڪامي هوندي آهي. هر دير سان واپس اچڻ تي والدين جي دلين ۾ پيدا ٿيندڙ ڊپ، هر فون ڪال تي ڌڙڪندڙ دل ۽ هر دروازي جي ڪڙڪڻ تي جاڳندڙ اُميد، اهي سڀ احساس انهيءَ سماجي بي چينيءَ جو عڪس آهن، جنهن ۾ اڄ جي زندگي هلي پئي. تعليمي ادارن ۾ هراسمنٽ، بليڪ ميلنگ ۽ نفسياتي دٻاءُ جهڙا عمل رڳو اخلاقي بگاڙ نه، پر انساني قدرن جي مڪمل ناڪاميءَ جا ثبوت آهن. جڏهن ڪنهن نياڻي جي عزت، اعتماد ۽ ذهن سان ڪيڏيو وڃي ٿو ته اهو رڳو هڪ زندگيءَ کي نه پر پوري خاندان کي تباهه ڪري ڇڏيندو آهي. ڪيترين ئي حالتن ۾ متاثر نياڻيون خاموشي اختيار ڪن ٿيون، ڇاڪاڻ ته ڪين بدنامي، الزام ۽ اڪيلا رهجي وڃڻ جو خوف هوندو آهي. اها خاموشي آهستي آهستي هڪ اهڙو زهر بڻجي وڃي ٿي، جيڪو اندر ئي اندر سندن وجود کي ختم ڪندو رهي ٿو. جڏهن ڪا نياڻي زندگيءَ کان مايوس ٿي انتهائي قدم کڻي ٿي، ته ان کي صرف "آپگهات" چئي ڇڏڻ وڏي ناانصافي آهي. حقيقت ۾ اهو سماج، ادارن ۽ نظام جي گڏيل ناڪاميءَ جو نتيجو هوندو آهي. اهو هڪ خاموش قتل هوندو آهي. اهڙو قتل، جنهن ۾ هٿيار لفظ نه پر بي ڌياني، بي حسي ۽ ناانصافي هوندا آهن.

ميرپورخاص جي محمدي ميڊيڪل ڪاليج جي ٽئين سال جي شاگرديائي فهميده لغاري جو واقعو به اهڙي ئي دردناڪ حقيقت کي سامهون آڻي ٿو. هوشيار، محنتي ۽ خوابن سان ڀرپور نياڻي، جيڪا مستقبل ۾ ڊاڪٽر بڻجڻ چاهيندي هئي. آخر اهڙي حالت تائين ڇو پهتي؟ جيڪڏهن سندس شڪايتن کي وقت سر ٻڌو وڃي ها، جيڪڏهن ادارا پنهنجي ذميواري نڀائين ها، ته شايد اڄ هڪ زندگي بچي سگهي ها. هن واقعي نه صرف هڪ خاندان کي ويران ڪيو آهي، پر پوري سماج جي ضمير کي به لوڏي ڇڏيو آهي. هي هڪ اهڙو سانحو آهي، جيڪو سماج جي بي وسيءَ کي ننگو ڪري ڇڏي ٿو.

واقعي کان پوءِ وارثن پاران داخل ڪرايل ڪيس ۾ محمدي ميڊيڪل ڪاليج جي ڪجهه استادن، شاگردن ۽ انتظاميا تي سنگين الزام هنيا ويا آهن. فريادي موجب فهميده لغاري ڪاليج اندر هراسمنٽ، بليڪ ميلنگ ۽ دٻاءُ جو شڪار هئي. الزام اهو به آهي ته ڪيس مارڪن ۽ ٻين معاملن ۾ فائدو ڏيڻ جي آڙ ۾ ناجائز لاڳاپا رکڻ لاءِ مجبور ڪيو پئي ويو. وارثن جو چوڻ آهي ته فهميده پنهنجي والدين، ڀيڻ ۽ ٻين مائٽن سان گڏوگڏ ڪاليج جي انتظاميا کي به ان بابت شڪايتون ڪيون هيون. پر افسوس جو انهن شڪايتن کي سنجيدگي سان نه ورتو ويو. جيڪڏهن وقت سر مناسب قدم کنيا وڃن ها ته شايد هڪ نوجوان شاگرديائي اهڙو انتهائي قدم نه کڻي ها.

جڏهن هڪ نياڻي جي دانهن کي نظرانداز ڪيو وڃي ٿو، ته پوءِ اُها دانهن اندرئي اندر طوفان بڻجي وڃي ٿي، ۽ اهو طوفان سندس زندگي کي لوڏي ختم ڪري ڇڏي ٿو. هن سماج ۾ اُهو الميو بار بار ورجائجي رهيو آهي جڏهن هڪ نياڻي ڳالهائي ٿي، ته ان تي شڪ ڪيو وڃي ٿو، جڏهن هوءَ خاموش رهي ٿي، ته اُن کي نظرانداز ڪيو وڃي ٿو ۽ جڏهن هوءَ دُنيا ڇڏي وڃي ٿي، ته پوءِ افسوس جا لفظ ڳولهجن ٿا. پر اُهو افسوس ڪنهن ڪم جو ناهي، جڏهن هڪ زندگي وڃائجي وڃي ٿي پوءِ ٻيهر زندگي واپس نٿي اچي سگهي.

اها رڳو هڪ ڪهاڻي ناهي، پر اهڙيون ڪيترين ئي ڪهاڻيون هِن سماج ۾ دفن ٿي چڪيون آهن. نائلا رند، ڊاڪٽر نمرتا ڪماري، ڊاڪٽر سنيها ڪيسواڻي، فاطمه سومرو، حنا بلوچ ۽ ڊاڪٽر نوشين ڪاظمي جهڙا نالا صرف ڪردار ناهن. پر اهي زنده درد جا باب آهن. اهي اهڙيون ڪهاڻيون آهن. جتي سوال اڄ به زنده آهن. پر جواب اُجا تائين گم آهن. سماج سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ نائلا رند کان ويندي چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج جي نمرتا ڪماريءَ ۽ نمرتا ڪماريءَ کان فهميده لغاري تائين سمورا سور سامهون هوندي به وقتي طور غم جو اظهار ڪري "ساڳيا لاٽون ساڳيا چڪهه" واري پاليسيءَ کي اڪين تي رکي وڏندو رهي ٿو جنهن جي نتيجي ۾ وري ٻي نياڻي نانگن هٿان ڏنگجي وڃي ٿي ميرپور خاص جي فهميد لغاري به انهيءَ ساڳئي زهريلي نانگ جي ڏنگ جو شڪار بڻجي ويئيءَ ۽ ڳوڙها ڳاڙي نئون تڏو وڇايو ويو آخر اهڙا المناڪ واقعا ڪيستائين ڏسبا رهبا.

اهو مڃڻو پوندو ته تعليمي ادارا صرف ڊگريون ڏيڻ جا مرڪز ناهن. پر اهي انساني تحفظ، اعتماد ۽ وقار جا نگهبان پڻ آهن. جيڪڏهن انهن ادارن اندر ئي شاگرديائيون پاڻ کي غير محفوظ محسوس ڪن ته پوءِ اهو نظام بنيادن کان ڪمزور ٿي چڪو آهي. اهڙي صورتحال ۾ صرف افسوس ڪرڻ ڪافي ناهي، پر عملي قدم کڻڻ انتهائي ضروري آهي. هاڻي وقت اچي ويو آهي ته خاموشي ٽوڙي وڃي. هر شڪايت کي سنجيدگي سان ورتو وڃي، هر آواز کي ٻڌو وڃي ۽ هر متاثر کي انصاف ڏنو وڃي. تعليمي ادارن ۾ شفاف ۽ بااختيار نظام قائم ڪيو وڃي، جتي هراسمنٽ جي شڪايتن تي فوري ڪارروائي ٿي سگهي. استادن کي به پنهنجو اصل ڪردار سمجهڻو پوندو. هو صرف علم جا ورهائيندڙ نه. پر شاگردن جي عزت ۽ تحفظ جا محافظ آهن. والدين کي به پنهنجي ٻارن سان اهڙو مضبوط رشتو قائم ڪرڻو پوندو. جتي نياڻيون بي خوف ٿي پنهنجا مسئلا بيان ڪري سگهن. سماج کي به پنهنجو رويو بدلائڻو پوندو. متاثر کي الزام ڏيڻ بدران سندس ساٿ ڏيڻ ضروري آهي.

جيڪڏهن اسان اڄ به لاپرواهي ڏيکاريندا سين ته سياڻي وڌيڪ زندگيون وڃائبيون. وڌيڪ گهر ويران ٿيندا ۽ وڌيڪ خواب هميشه لاءِ دفن ٿي ويندا. پلي اسيمبلين مان عورتن جي حقن لاءِ هزارين بل پاس ٿين پر انهن تي عمل ڪير ڪرائيندو؟ ڇو ته اهڙن وحشين پنيان ڪنهن نه ڪنهن وڏيري سرمائيدار يا سياسي ماڻهوءَ جو هٿ ضرور هوندو اسان وٽ ظلم اهو آهي ظالم جي لاءِ هزارين ماڻهو اڳيان ايندا آهن پر مظلوم لاءِ ڪو به اڳتي ناهي ايندو. نياڻين جو تحفظ رڳو هڪ سماجي ذميواري نه. پر هڪ اخلاقي فرض آهي. جڏهن نياڻيون محفوظ هونديون. تڏهن ئي سماج محفوظ هوندو. ۽ جڏهن سماج محفوظ هوندو. تڏهن ئي مستقبل روشن ٿيندو.

بقايا *** 01

ڊپلوميسي فورم ۾ شرڪت تي ڀليڪار چيو. هن چيو ته صدر رجب طيب اردوان انطاليا ڊپلوميسي فورم جي موقعي تي وزيراعظم سان ملاقات جو منتظر آهي. وزيراعظم محمد شهباز شريف ڀرپور آجيان ۽ روايتي مهمان نوازي تي ترڪ پرڏيهي وزير حاقان فيدان جو ٿورو مڃيو. هن چيو ته اهو هن لاءِ خوشي جو موقعو آهي ته هو ٻئي گهر دوري تي آهيان. انطاليا ڊپلوميسي فورم ۾ شرڪت ۽ صدر رجب طيب اردوان سان انطاليا ڊپلوميسي فورم جي موقعي تي ملاقات هن لاءِ خوشي جي ڳالهه آهي.

بقايا *** 02

جي اعلان جي آجيان ڪئي آهي. صدر جي آفيس جي سرڪاري X اڪائونٽ تان جاري ڪيل بيان ۾ صدر زرداري چيو ته هن "لبنان ۾ جنگبندي کي ڇڪتاڻ ۽ علائقائي استحڪام ڏانهن هڪ قدم طور ڀليڪار ڪيو آهي". ۽ پاڪستان جي طرفان لبنان جي خودمختياري جي حمايت کي ورجايو. هن گڏوگڏ ويسٽ ايشيا ۾ مستقل امن حاصل ڪرڻ لاءِ آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ تڪرار گهٽائڻ جي جاري ڪوشش جي پڻ حمايت ڪئي. وزيراعظم شهباز شريف ايڪس تي پنهنجي پوسٽ ۾ "اميد ظاهر ڪئي آهي ته هي قدم پائيدار امن لاءِ راهه هموار ڪندو." هن پيغام ۾ لکيو ته "پاڪستان لبنان جي خودمختياري ۽ علائقائي سالميت لاءِ پنهنجي اٽل حمايت کي ورجائي ٿو ۽ علائقي ۾ مستقل امن لاءِ ڪيل هر ڪوشش جي حمايت جاري رکندو."

بقايا *** 03

تي گهري ڳڻتي جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته آبنائي هرمز جي صورتحال جو دنيا جي ملڪن تي منفي اثر پئجي رهيو آهي. پاڪستاني عوام به ان کان متاثر ٿي رهيا آهن. ان جا اثر صرف توانائي جي فراهمي تائين محدود نه آهن پر پاڻ ۽ ٻين ضروري شين تائين به پهچن ٿا. پاڪستاني مستقل نمائندي چيو ته اهي آبنائي هرمز کي جلد کولڻ ۽ صورتحال کي معمول تي آڻڻ جي بنيادي مقصد سان متفق آهن. هي معاملو خطي ۽ ان کان ٻاهر سڀني رياستن لاءِ اهم آهي. آبنائي هرمز سان لاڳاپيل ڪنهن به بحث يا انتظام ۾ جي سي سي ملڪن جي جائز مفادن کي نظر ۾ رکڻ گهرجي. عاصم افتخار پاڪستاني جهازن ۽ عملي جي سيڪيورٽي، محفوظ نيويگيشن ۽ هن آبنائي ۾ عام سامونڊي حرڪت جي بحالي جو مطالبو ڪيو.

بقايا *** 04

نه رڳو عورتن جي خودمختياري ڏانهن هڪ اهم قدم آهي پر انهن جي باوقار ۽ محفوظ سفر کي يقيني بڻائڻ لاءِ پڻ آهي. بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ چيو ته سنڌ حڪومت عورتن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ عملي قدمن تي يقين رکي ٿي، ۽ هي منصوبو ساڳئي ويزن جو عڪس آهي جنهن تحت عورتن کي جديد سفري سهولتون فراهم ڪري معاشي ۽ سماجي طور تي مضبوط بڻايو پيو وڃي. پنهنجي خطاب ۾ بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ چيو ته "اسان جو اقدام ان خيال جي عڪاسي ڪري ٿو ته عورتن کي نه رڳو موقعا ڏنا وڃن پر انهن کي اهي وسيلا پڻ فراهم ڪيا وڃن جن ذريعي اهي هڪ آزاد ۽ باوقار زندگي گذاري سگهن. پنڪ اسڪوٽيز اسڪيم عورتن لاءِ محفوظ، باوقار ۽ آسان سفري سهولتون فراهم ڪندي، جيڪا انهن جي روزاني زندگين ۾ حقيقي آساني آڻيندي." وڌيڪ ڳالهائيندي بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ چيو ته هي ون اصل ۾ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي روشن سوچ جو تسلسل آهي. جنهن عورتن کي سماج جو مضبوط ٿنڀو بڻائڻ ۽ انهن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ تاريخي جدوجهد ڪئي. "شهيد محترمه بينظير ڀٽو هميشه عورتن جي حقن، تعليم ۽ خودمختياري لاءِ آواز بلند ڪيو، ۽ اڄ جا قدم ان مشن جي عملي نفاذ آهن." بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت جي تعريف ڪندي چيو ته هو پنهنجي ماءُ جي ويزن کي اڳتي وڌائيندي عورتن جي ترقي، تعليم ۽ بااختيار بڻائڻ لاءِ نوس قدم کڻي رهيو آهي. "چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾، پاڪستان پيپلز پارٽي نه رڳو جمهوريت جي ايجنڊا پر سماجي انصاف ۽ عورتن جي ترقي جي ايجنڊا کي به زور سان اڳتي وڌائي رهي آهي." بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ سينئر اڳواڻ سيد خورشيد احمد شاهه جي خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪيو ۽ چيو ته سکر ۾ عورتن جي تعليم جي فروغ ڏيڻ لاءِ سندس ڪوششون ساراهه جوڳيون آهن. "سيد خورشيد احمد شاهه پاران وومين يونيورسٽي جو قيام ان ڳالهه جو واضح ثبوت آهي ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت عملي طور تي عورتن جي تعليم ۽ خودمختياري جي مشن تي ڪم ڪري رهي آهي. هي ادارو ايندڙ نسلن جي عورتن کي بااختيار بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو." بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ صوبائي وزير ٽرانسپورٽ شرجيل انعام ميمڻ جو خاص شڪريو ادا ڪندي چيو ته سنڌ ۾ ماس ٽرانزٽ سسٽم کي بهتر بڻائڻ ۽ جديد ٽرانسپورٽ منصوبن کي فروغ ڏيڻ ۾ سندس قيادت ۽ ڪوششون ساراهه جوڳيون آهن. "شرجيل انعام ميمڻ جي مسلسل محنت ۽ ويزن جي مهرباني، نه رڳو ماس ٽرانزٽ پروگرام کي هڪ نئين هدايت ڏني وئي آهي، پر پنڪ اسڪوٽيز جهڙا انقلابي منصوبا پڻ شڪل وٺي رهيا آهن. عورتن جي سهولت ۽ بااختيار بڻائڻ ۾ سندس ڪردار انتهائي اهم ۽ قيمتي آهي." آخر ۾، بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ ان عزم کي ورجايو ته سنڌ حڪومت اهڙا فلاحي ۽ ترقياتي منصوبا متعارف ڪرائيندي رهندي جيڪي سماج جي سڀني طبقن، بشمول عورتن جي زندگين ۾ مثبت ۽ پائيدار تبديلي آڻين. تقريب جي آخر ۾، بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ هن منصوبي جي ڪامياب بڻائڻ ۾ ڪردار ادا ڪندڙ سڀني ادارن ۽ آفيسرن جي ڪوشش جي تعريف ڪئي ۽ چيو ته اهي گڏيل ڪوششون هڪ روشن، بااختيار ۽ ترقي يافته سماج جي بنياد رکن ٿيون

بقايا *** 05

محمد اسماعيل راهو چيو ته امتحاني عملو غير قانوني طور تي ٻين اسڪولن جي شاگردن کان پرچا حل ڪرائڻ ۾ ملوث رهيو هو. جڏهن ته مرڪز ۾ گنجائش کان وڌيڪ شاگرد هئا. جيڪو هڪ سنگين خلاف ورزي آهي. هن هدايت ڪئي ته مرڪزي تبديلي ۽ ملوث بورڊ جي عملدارن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي. وزير ايس آر پبلڪ سيڪنڊري اسڪول شاهه فيصل ڪالوني ۽ ايس آر پبلڪ اسڪول اينڊ ڪاليج سعود آباد. ملير جي امتحاني مرڪزن کي فوري طور تي منسوخ ڪرڻ جو حڪم ڏنو. محمد اسماعيل راهو وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت نقل کي ختم ڪرڻ لاءِ زيرو ٽالرنس پاليسي تي عمل ڪري رهي آهي. ۽ سڀني چيئرمين بورڊن کي سخت قدم کڻڻ جاري ڪيا ويا آهن. ان سلسلي ۾ ڊپٽي ڪمشنر، اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ ٻين ضلعي آفيسرن کي پڻ هدايت ڪئي وئي آهي ته امتحاني مرڪزن جا اوچتو دورا ڪري شفاف امتحاني نظام کي يقيني بڻايو وڃي

بقايا *** 06

لي مناٿي ۽ ظهير نصير جي دعوت تي، صوبائي وزير شو ۾ شرڪت ڪئي ۽ ربن ڪٽي نمائش جو افتتاح ڪيو. افتتاحي تقريب کان پوءِ صوبائي وزير شو جي مختلف حصن جو تفصيلي دورو ڪيو جتي هن سڄي ملڪ مان آندي ويندڙ اعليٰ معيار جي چوپائي مال، جديد ڊيري فارمنگ جي سامان ۽ لاڳاپيل ادارن پاران لڳايل اسٽالن جو معائنو ڪيو. ان موقعي تي بريفنگ ڏيندي، ڪيس ٻڌايو ويو ته شو جو مقصد مقامي نسل جي چوپائي مال جي نسل وڌائڻ ۽ عالمي مارڪيٽ تائين رسائي لاءِ جديد ٽيڪنالاجي جي فروغ ڏيڻ آهي. صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي نمائش ۾ موجود لائيو اسٽاڪ فارمرز ۽ فارمرز جي ڪوشش جي تعريف ڪئي ۽ چيو ته ڊيلا ڪيٽل شو جهڙا واقعا نه رڳو لائيو اسٽاڪ جي شعبي ۾ سيڙپڪاري جا موقعا پيدا ڪن ٿا پر فارمرز کي جديد سائنسي معلومات ۽ ٽيڪنالاجي سان روشناس ڪرائڻ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت لائيو اسٽاڪ ۽ مڇي ماري واري شعبي کي معيشت جي ريڙهه جي هڏي سمجهي ٿي ۽ ان جي بهتري لاءِ هر ممڪن عملي قدم ۽ پاليسي سازي جاري رکندي ته جيئن ڊيري ۽ گوشت جي پيداوار ۾ خود ڪفيل ٿيڻ سان گڏوگڏ برآمدات ۾ اضافو ٿي سگهي. پنهنجي خطاب ۾ صوبائي وزير زور ڏنو ته موجوده دور ۾ روايتي زراعت جي بدران سائنسي بنيادن تي جانورن جي پرورش وقت جي ضرورت آهي. هن چيو ته سنڌ جي زمين لائيو اسٽاڪ جي لحاظ کان تمام گهڻي زرخيز آهي. تنهن هوندي به، اسان کي کير ۽ گوشت جي پيداوار کي عالمي معيارن مطابقت ڏيڻ لاءِ جديد جين ٽيڪنالاجي ۽ ويليو ايڊيشن تي ڌيان ڏيڻو پوندو. سنڌ حڪومت جلد ئي اهڙيون اسڪيمون متعارف ڪرائي رهي آهي جيڪي ڳوٺاڻن علائقن ۾ غربت جي خاتمي لاءِ ننڍن هارين کي آسان شرطن تي قرض ۽ جديد طبي سهولتون فراهم ڪنديون. محمد علي ملڪاڻي وڌيڪ چيو ته لائيو اسٽاڪ سان گڏ، مڇي مارڻ وارو شعبو پڻ پرڏيهي مٽاسٽا ڪمائڻ جو هڪ وڏو ذريعو آهي. هن چيو ته صوبائي حڪومت مڇي جي پرورش کي بهتر بڻائڻ ۽ بين الاقوامي مارڪيٽن تائين رسائي حاصل ڪرڻ لاءِ سامونڊي مڇي مارڻ ۽ اندروني آبي زراعت جي فروغ لاءِ هڪ جامع پاليسي لاڳو ڪري رهي آهي. هن چيو ته اهڙا شو ناهيندڙن، برآمد ڪندڙن ۽ هارين جي وچ ۾ هڪ پل جو ڪردار ادا ڪن ٿا. جيڪي نه رڳو مقامي واپار کي وڌائين ٿا پر پرڏيهي سيڙپڪارن جو اعتماد به بحال ڪن ٿا. ان موقعي تي حارث مناٿي، ظهير نصير، ڊائريڪٽر جنرل لائيو اسٽاڪ حزب الله ڀٽو، ڊي جي سنڌ انسٽيٽيوٽ آف اينيمل هيلٿ ڊاڪٽر نذير حسين ڪلهوڙو، ڊي جي پولٽري پروڊڪشن اينڊ ريسرچ ڊاڪٽر صلاح الدين شاهه، ڊي جي ايڪسٽينشن ڊاڪٽر مبارڪ جتوئي ۽ ڊي جي مئرين فشريز سنڌ ڊاڪٽر عاصم ڪريم سميت وڏي تعداد ۾ اعليٰ آفيسر ۽ اسٽيڪ هولڊر موجود هئا. نمائش ۾ حصو وٺندڙ ماهرن چيو ته اهڙا واقعا صوبي ۾ 'نسل جي بهتري' ۽ عوامي جانورن جي صحت بابت آگاهي پيدا ڪن ٿا. جيڪو ڳوٺاڻي معيشت کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ناگزير آهي.

بقايا *** 07

ڪيس داخل ڪيو آهي. ٻار جي ڏاڏي جي شڪايت تي پيءُ خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. مدعي موجب، پٽ ۽ ڏيءَ ۾ پئسن تي جهڳڙو ٿيو. جڏهن ڏيءَ پئسا ڏيڻ کان انڪار ڪيو ته پٽ پوٽي کي ٽانڪي ۾ اڇلائي ڇڏيو. مدعي موجب، جڏهن پوٽي کي ٽانڪي مان ڪڍيو ويو ته پوٽي فوت ٿي چڪي هئي. پوليس موجب، جوابدار کي عدالتي ريمانڊ تي جيل موڪليو ويو آهي.

بقايا *** 08

۽ اڳوڻي صوبائي اسيمبلي ميمبر نند ڪمار گوڪلاڻي، سکر ۾ نوجوان هندو واپاري وشال ڪمار جي بي رحمانه قتل تي گهري ڏک ۽ سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي سنڌ حڪومت تي سخت تنقيد ڪئي آهي. پنهنجي تفصيلي بيان ۾ نند ڪمار گوڪلاڻي چيو ته سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال انتهائي خراب ٿي چڪي آهي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي صوبائي حڪومت شهرين جي جان ۽ مال جي حفاظت ۾ مڪمل طور ناڪام ٿي وئي آهي هن چيو ته خاص طور تي اقليتي برادري پاڻ کي غير محفوظ محسوس ڪري رهي آهي ۽ روزانو ٿيندڙ واقعا ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته حڪومت پنهنجي ذميوارين کي سنجيدگي سان نٿي نڀائي. هن الزام هنيو ته هڪ منظر سازش تحت اقليتي برادري کي نشانو بڻايو پيو وڃي ۽ افسوسناڪ ڳالهه اها آهي ته حڪومت جي سڀني معاملن تي خاموشي هن صورتحال کي وڌيڪ سنگين بڻائي رهي آهي. سندس چوڻ هو ته اقليتن خلاف وڌندڙ واقعا نه صرف ڳڻتي جوڳا آهن پر اها رياستي ناڪامي جي چٽي نشاني پڻ آهن نند ڪمار گوڪلاڻي مطالبو ڪيو ته سکر ۾ پيش آيل هن افسوسناڪ قتل واري واقعي ۾ ملوث سڀني جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري ڪين سخت سزا ڏني وڃي ته جيئن متاثر خاندان کي انصاف ملي سگهي ۽ اقليتي برادري ۾ پکڙيل خوف ختم ٿي سگهي هن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت هر واقعي کانپوءِ رڳو رسمي بيان جاري ڪري يا رپورٽ طلب ڪري ٿي، جڏهن ته حقيقت ۾ عملي قدمن جي کوٽ آهي ۽ سرڪاري عملدار عوامي مسئلن کان بي خبر عيش عشرت ۾ مصروف آهن هن زور ڀريو ته اقليتي برادري کي مڪمل تحفظ فراهم ڪرڻ حڪومت جي آئيني ذميواري آهي، جنهن ۾ ڪنهن به قسم جي لاپرواهي برداشت نه ڪئي ويندي نند ڪمار گوڪلاڻي حڪومت کان مطالبو ڪيو ته فوري ۽ اثرائتا قدم کڻي امن امان جي صورتحال کي بهتر بڻايو وڃي ۽ اقليتن جي حقن جو هر صورت تحفظ يقيني بڻايو وڃي

بقايا *** 09

عقد ٿيو پاڪستان طرفان چيف آف جنرل اسٽاف سيد عامر رضا جڏهن ته نيٽو پاران ڊائريڪٽر انٽرنيشنل ملٽري اسٽاف ڪو آپريٽو سيڪيورٽي ڊويزن ميجر جنرل ايري قيادت ڪئي ٻنهي ڌرين جن عنوان تي ڳالهيون ڪيون انهن ۾ پاڪ نيٽو فوجي لاڳاپا علائقائي سلامتي فوجي تعليمي تربيت فوج ۾ ورزش جون سرگرميون ماڻهن ۽ فوجي اوزارن جي گڏيل تعاون جي هٿي ڏيڻ شامل هئي انهي دوران پاڪستاني وفد بيلجم جي مونس ۾ نيٽو جي اتحادي ڪمانڊر آپريشن هيڊ ڪوارٽر جو دورو ڪيو

بقايا *** 10

ويجهو پيش آيو. حادثي جي اطلاع ملڻ تي پوليس ۽ ريسڪيو ٽيمون جي وڏي نفري فوري طور تي موقعي تي پهچي وئي. ريسڪيو ٽيمون فوت ٿيلن جي لاشن کي ضروري ڪارروائي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو. پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته فوت ٿيل جي سڃاڻپ دانش پٽ عبدالرحمان جي نالي سان ٿي آهي. جڏهن ته ٻئي شخص جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي آهي. گاڏي جي ڊرائيور خلاف ڪارروائي ڪئي وئي آهي ۽ ان جي ڳولا شروع ڪئي وئي آهي.

بقايا *** 11

بي سان ملڻ گهرجي ۽ پي ٽي آءِ جي باني کي به علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو وڃي. بئريسٽر گوهر چيو آهي ته گهروارن کي پي ٽي آءِ جي باني سان ملڻ گهرجي. باني جي صحت پريشان ڪندڙ آهي. علاج ڪرائڻ سندس بنيادي حق آهي. ٻئي طرف. خيبرپختونخواهه جي اطلاعات بابت خاص مددگار شفيع جان چيو آهي ته پي ٽي آءِ جي باني جي زال بشريٰ بي بي جي صحت بابت خبرون پريشان ڪندڙ آهن. اسپتال منتقلي جي معاملي تي پنجاب حڪومت جي خاموشي افسوسناڪ آهي. شفيع جان چيو آهي ته پنجاب حڪومت پي ٽي آءِ جي باني ۽ بشريٰ بي بي جي صحت کي مسلسل نظرانداز ڪري رهي آهي. بشريٰ بي بي کي بنيادي طبي سهولتن کان محروم ڪرڻ آئين ۽ انساني حقن جي خلاف ورزي آهي. هو اهو به چوي ٿو ته پنجاب حڪومت جو سياسي انتقام تي ٻڌل رويو ڪنهن به طرح قابل قبول ناهي.

بقايا *** 12

ي. يونيورسٽين ۽ بورڊن جي وزير محمد اسماعيل راهو ۽ تعليم جي وزير سردار شاهه هڪ گڏيل بيان ۾ واضح ڪيو آهي ته نقل ۾ ملوث شاگردن کي نه رڳو موجوده امتحانن مان فوري طور تي خارج ڪيو ويندو پر مستقبل ۾ ڪنهن به بورڊ جي امتحان ۾ ويهڻ جي اجازت به نه ڏني ويندي. حڪومت امتحاني نظام ۾ 'زيرو ٽالرنس پاليسي' لاڳو ڪئي آهي ۽ چيو آهي ته نقل ڪندي پڪڙيل شاگردن جا سڀئي پيپر منسوخ ڪيا ويندا. ان کان علاوه، جيڪڏهن ڪو شاگرد موبائل فون يا نقل جو مواد کڻي مليو ته ان کي فوري طور تي امتحاني عمل مان ڪڍيو ويندو. بيان موجب، امتحاني عملي خلاف به سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. جيڪڏهن ڪو به نگران، اندروني، ٻاهرين يا انتظامي آفيسر ٻارن کي نقل ڪرائڻ ۾ ملوث مليو ته ان کان خلاف ڪاتيوار ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ ان کي نوڪري مان برطرف ڪيو ويندو. صوبائي وزيرن چيو آهي ته امتحاني مرڪزن تي نگراني جو نظام وڌيڪ سخت ڪيو پيو وڃي ۽ ڪنهن به قسم جي مداخلت يا بدعنواني برداشت نه ڪئي ويندي. انهن جو چوڻ آهي ته شفاف امتحاني نظام کي يقيني بڻائڻ لاءِ اهي قدم ضروري آهن.

بقايا *** 13

ڪيٽ ۾ واپاري سيشن دوران. 100 انڊيڪس ۾ 2327 پوائنٽس جو اضافو رڪارڊ ڪيو ويو. جنهن کان پوءِ انڊيڪس 172,239 پوائنٽس تي پهچي ويو. اڄ تائين واپاري سيشن دوران. 100 انڊيڪس 170,758 پوائنٽس جي گهٽ ترين سطح تي پهچي ويو. جڏهن ته اهو 172,400 جي بلند ترين سطح تي پڻ پهچي ويو اهو ياد رکڻ گهرجي ته ڪالهه واپار جي آخر ۾. 100 انڊيڪس 169,911 پوائنٽس تي بند ٿيو.

بقايا *** 14

ٽا. جڏهن ته هي شعبو ديهي معيشت جي مضبوط بنياد ۽ لکين ماڻهن جي روزگار جو ذريعو آهي. هن چيو ته ڊي ايل ايف اي ڪيٽل شو جهڙيون نمائشون ڪسانن، ماهرن ۽ صنعتڪارن لاءِ هڪ مؤثر ۽ نتيجو پليٽفارم فراهم ڪري ٿو. جتي جديد رجحان، تحقيق ۽ ٽيڪنالاجي جو ڏي وٺ ممڪن ٿي ٿو. انهن خيالن جو اظهار هن ٻنجين ڊي ايل ايف اي ڪيٽل شو 2026 جي افتتاح کان پوءِ تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو. گورنر سنڌ چيو ته هي نمائش نه رڳو ملڪ ۾ زرعي ۽ لائيو اسٽاڪ شعبن جي ترقي ۾ مددگار ثابت ٿيندي پر عالمي برادري کي پاڪستان جي وسيع صلاحيتن سان به روشن ڪرائڻ جو اهم ذريعو هن وڌيڪ چيو ته اهڙي نوعيت جا ايونٽس صوبي ۾ سيڙپڪاري جي واڌ، روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي هٿي ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا گورنر سنڌ اميد ظاهر ڪئي ته هي نمائش ڪسانن لاءِ نوان موقعا پيدا ڪندي ۽ ڪين جديد تحقيق ۽ ٽيڪنالاجي تائين آسان رسائي فراهم ڪندي، جنهن سان زرعي پيداوار ۽ معيشت وڌيڪ مضبوط ٿينديون ان کان اڳ گورنر سنڌ جي آمد تي بدر ايڪسپوجي سي اي او زوهير نصير، ڊي ايل ايف اي جي پيٽرن ان چيف هارٽ علي مناٿي ۽ ٻين معززن مهمانن طرفان سندس گرمجوشي سان آجيان ڪئي وئي گورنر سنڌ مختلف اسٽالن جو دورو ڪيو، جتي ڪين مويشن جي مختلف نسلن سان گڏ جديد زرعي ۽ لائيو اسٽاڪ ٽيڪنالاجي بابت بريفنگ ڏني وئي گورنر سنڌ اي ويلڪرج (پڪين) جي اسٽالن جو به خاص دورو ڪيو ۽ ناياب قسمن ۾ گهري دلچسپي ظاهر ڪئي منتظمين موجب هن نمائش ۾ ڪسان، ڊيري، فشريز ۽ ٽيڪنالاجي سيڪٽر جي گڏيل سهڪار سان نوان موقعا پيدا ٿي رهيا آهن. جيڪي هن شعبي جي پائيدار ترقي لاءِ اهم سنگ ميل ثابت ٿيندا

بقايا *** 15

ڪرڻ جو پابند هوندو. ۽ جيڪڏهن زيور فراهم نه ڪيا ويا ته زال ان جي مارڪيٽ ويليو مطابق پئسا وصول ڪرڻ جي حقدار هوندي. جسٽس ساجد محمود سيٺي عامر علي جي درخواست تي اهو فيصلو ڏنو. عدالت واضح ڪيو ته شادي جي معاهدي ۾ ذڪر ڪيل سڀئي شيون، چاهي اهي پئسا هجن يا زيور، گڏيل طور تي جهيز جو حصو آهن ۽ الڳ الڳ ادا ڪرڻ گهرجن. فيصلي موجب، درخواست گذار جي شادي 2011 ۾ ٿي هئي، جنهن ۾ شادي جي معاهدي ۾ پنج هزار رپيا، پنج تولا چاندي ۽ ڏهه تولا سون جو ذڪر ڏاج طور ڪيو ويو هو. عورت جو موقف هو ته طلاق کان پوءِ. اڳوڻي مڙس زيور ادا نه ڪيا. جڏهن ته مڙس دعويٰ ڪئي ته صرف نقد رقم مقرر ڪئي وئي هئي ۽ باقي داخلا جعلسازي ذريعي شامل ڪئي وئي هئي. عدالت رڪارڊ جو جائزو وٺندي، چيو ته شاهدن شادي جي سند جي تصديق ڪئي ۽ درخواست ڏيندڙ پڻ سندس دستخطن کي تسليم ڪيو. جڏهن ته هو جعلي داخلا ثابت ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو. عدالت اهو به نوٽ ڪيو ته اڳوڻي زال ٽرائل ڪورٽ ۾ شادي جي سند جي تصديق ٿيل ڪاپي جمع ڪرائي هئي. فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته فيملي ڪورٽ جو فيصلو ثبوتن ۽ رڪارڊ جي مطابق صحيح هو ۽ هاءِ ڪورٽ صرف تڏهن مداخلت ڪري ٿي جڏهن فيصلو قانون جي خلاف هجي. تنهن ڪري، عدالت فيملي ڪورٽ جي فيصلي کي برقرار رکيو ۽ مڙس کي مهر جي مڪمل رقم ادا ڪرڻ جو ذميوار قرار ڏنو.

بقايا *** 16

بشريٰ بي بي جي صحت کي مسلسل نظرانداز ڪري رهي آهي. شفيع جان پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته پي ٽي آءِ جي باني، سندس زال بشريٰ بي بي جي صحت بابت خبرون پريشان ڪندڙ آهن. ۽ بشريٰ بي بي جي اسپتال منتقلي جي معاملي تي پنجاب حڪومت جي خاموشي افسوسناڪ آهي. هن وڌيڪ چيو ته بشريٰ بي بي کي بنيادي طبي سهولتن کان محروم ڪرڻ آئين ۽ انساني حقن جي خلاف ورزي آهي. خيبر پختونخواهه جي وزيراعليٰ جي خاص مددگار اهو به چيو آهي ته پنجاب حڪومت جو سياسي انتقام تي ٻڌل رويو ڪنهن به صورت ۾ قابل قبول ناهي.

بقايا *** 17

فوج ڪارروايون جاري رکندي ۽ حزب الله جي خاتمي تائين سڪ سان نه ويهبو. صدر ٽرمپ لاس ويگاس، نيواڊا ۾ هڪ تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته ايران هڪ تمام پيارو ملڪ آهي. هو ايران سان جنگ ڪرڻ نٿو چاهي، پر ان جي ايٽمي پروگرام جي ڪري اهو ڪرڻ پيو. آمريڪي صدر چيو ته ايران جنگ تمام جلد ختم ٿيڻ گهرجي ۽ هي جنگ سلي نموني ختم ٿيڻ واري آهي. ايران سان جنگ ٻن مهينن ۾ ختم ٿيڻ واري آهي. هن دعويٰ ڪئي ته اسان کي ايران ۾ تمام جلد فتح ملندي. صدر ٽرمپ چيو ته اسان جي هڪ جهاز ابراهام لنڪن تي 111 راڪيٽ فائر ڪيا ويا. اسان جي فوج سڀني 111 راڪيٽن کي تباهه ڪري ڇڏيو ۽ حملي کي ناڪام بڻائي ڇڏيو. ايران بهترين فوج جي ڪري جنگ ۾ جيڪو ڪجهه ڪرڻ چاهيندو هو اهو ڪيو. آمريڪا وٽ دنيا جي بهترين فوج آهي ۽ ان کي وڌيڪ بهتر بڻائي رهي آهي. آمريڪي فوج وٽ جديد ٽيڪنالاجي آهي ۽ ان کي وڌيڪ بهتر بڻائيندي. حزب الله چيو آهي ته لبنان ۾ جاري جنگبندي دوران جيڪڏهن اسرائيل طرفان ڪا به "ڌوڪيبازي يا غداري" ٿيندي ته هو ڀرپور جواب ڏيندا ۽ اسانجي آڱر ته "ٽريگر تي رکيل" آهي. ٽيليگرام تي جاري ڪيل بيان ۾، ايران جي حمايت يافته هن گروپ پنهنجي هيمٿر تائين جي ڪارروايون جو ذڪر ڪندي چيو ته هن 2 مارچ کان 16 اپريل تائين اسرائيل خلاف 2,184 ڪارروايون ڪيون آهن حزب الله، جنهن کي برطانيا ۽ آمريڪا سميت ڪيترن ئي ملڪن طرفان دهشتگرد تنظيم قرار ڏنو ويو آهي. جنگبندي ڳالهين ۾ شامل نه هئي، جتي اسرائيل سڌو سنئون لبناني حڪومت سان ڳالهين ڪري رهيو هو خميس ڏينهن جنگبندي جي خبر تي رد عمل ڏيندي، حزب الله چيو ته "ڪا به جنگبندي سڄي لبناني علائقي تي لاڳو هجڻ گهرجي ۽ اسرائيلي دشمن کي ڪنهن به قسم جي حرڪت جي آزادي نه ڏيڻ گهرجي." "اسرائيل 10 ڏينهن جي عارضي جنگبندي تي اتفاق ڪيو. پر وزيراعظم بنيامين نيتن ياهو زور ڀريو ته جنگبندي جي مدي دوران اسرائيلي فوج لبناني علائقي ۾ "سيڪيورٽي زون" ۾ موجود رهندي

بقايا *** 18

ڪي پنهنجي مقصدن حاصل ڪرڻ کان روڪيندو. هن زور ڏنو ته خطي جي سلامتي کي خطي جي ملڪن پاران يقيني بڻايو وڃي.

بقايا *** 19

ش ڪمار چاؤلا ترجمان حڪومت سنڌ ۽ ميئر سکر ارسلان اسلام شيخ چيئرمين ضلع ڪائونسل سکر سيد ڪميل حيدر شاهه اڳوڻو صوبائي وزير امداد پتافي سيد جاويد شاهه ڊپٽي ميئر ۽ پي پي سٽي صدر ڊاڪٽر ارشد مغل محمد قاسم سراج بابل خان پيو اير ڊي ماس ٽرانزٽ ڪنول نظام ڀٽو آءِ بي آءِ اروڙ ۽ بيگم نصرت ڀٽو يونيورسٽين جا وائس چانسلر ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم قريشي ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد خان ايس ايس پي سکر اظهر مغل ڊائريڪٽر انفارميشن سکر غلام عباس گوراهو سميت ڪيترائي عملدار ۽ معزز شخصيتون شريڪ ٿيون پيپلز پارٽي جي اڳواڻ معزز شهرين سان گڏوگڏ مفت اسڪوٽي حاصل ڪندڙ عورتون ۽ انهن جي والدين ۽ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي صوبائي وزير اطلاعات ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ شرجيل انعام ميمڻ پنهنجي خطاب ۾ چيو ته اڄ اهم ڏينهن آهي پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ سنڌ حڪومت صدر آصف علي زرداري چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ فريال ٽالپور جي قيادت ۾ عوام جي خدمت ڪري رهي آهي هن چيو ته پاڪستان جي تاريخ ۾ عورتن لاءِ اهم قدم کڻڻ جي شروعات پيپلز پارٽي ڪئي قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو عورتن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ ڪم ڪيو جڏهن ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو عورتن لاءِ ويمن پوليس اسٽيشن فرسٽ وومين بينڪ ۽ ليڊي هيلٿ ورڪرز پروگرام شروع ڪيا هن وڌيڪ چيو ته صدر آصف علي زرداري بينظير انڪم سپورٽ پروگرام شروع ڪيو جيڪو دنيا جو وڏو سماجي تحفظ وارو پروگرام بڻيو هن چيو ته اڳ عورتن جا شناختي ڪارڊ نه ٺهندا هئا پر هن پروگرام کان پوءِ عورتن جا شناختي ڪارڊ ٺهڻ شروع ٿيا شرجيل ميمڻ چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي دنيا جو وڏو هائوسنگ منصوبو شروع ڪيو آهي جنهن تحت 21 لک خاندانن کي مفت گهر ڏنا پيا وڃن ۽ انهن گهرن جي ملڪيت عورتن جي نالي تي ڪئي پئي وڃي هن چيو ته سنڌ حڪومت عورتن کي مفت اي وي اسڪوٽيون هيلمٽ لائسنس ۽ تربيت فراهم ڪري رهي آهي ۽ هن منصوبي ۾ ڪا به سفارش يا ڊونر ايجنسي شامل ناهي هن چيو ته جنهن عورت وٽ ڊرائيونگ لائسنس ۽ روزگار جو ثبوت هوندو ان کي ميرٽ تي اسڪوٽي ڏني ويندي تقريب کي خطاب ڪندي ايم اين اي سيد خورشيد احمد شاهه چيو ته ملڪ جي ترقي ان وقت ممڪن آهي جڏهن عورتون به ترقي ۾ ڀرپور حصو وٺن هن عورتن کي اپيل ڪئي ته اسڪوٽيون پاڻ استعمال ڪن ۽ ٻين کي نه ڏين هن ميئر سکر ۽ ضلع ڪائونسل جي آفيس سهولت مرڪز قائم ڪرڻ جي صلاح ڏني صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو ته هي ڪاميابي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه ۽ ٻين اڳواڻن جي ويزن ۽ محنت جو نتيجو آهي هن چيو ته ڪنڊڙ عورتون شاگرديائيون ۽ روزگار ڪندڙ عورتون ضروري دستاويز مڪمل ڪري اسڪوٽي حاصل ڪري سگهن ٿيون تقريب کي خطاب ڪندي ٻين اڳواڻن چيو ته هي منصوبو عورتن جي ترقي ۾ اهم سنگ ميل ثابت ٿيندو هنن چيو ته مهانگائي جي دور ۾ سنڌ حڪومت عوام کي سستي ۽ آسان سفري سهولتون فراهم ڪري رهي آهي. جنهن مان خاص طور شاگرديائيون ۽ ڪم ڪندڙ عورتون فائدو حاصل ڪنديون مقررين چيو ته هي قدم شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي ويزن جو تسلسل آهي. جن عورتن جي حقن ۽ خودمختياري لاءِ جدوجهد ڪئي هنن چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت کي ساراهيندي چيو ته هو عورتن جي ترقي لاءِ اهم قدم کڻي رهيا آهن آخر ۾ مقررين هن عزم جو اظهار ڪيو ته سنڌ حڪومت مستقبل ۾ به اهڙا فلاحي منصوبا جاري رکندي جيڪي سماج جي سڀني طبقن خاص طور عورتن جي زندگي ۾ مثبت تبديلي آڻيندا تقريب جي پڇاڙي تي مهمانن مقدس نورين بلقيس مهتاب ماهه نور مريم غلام سرور بختاور پٽيءَ ۽ ٻين نوجوان شاگرديائين ڪم ڪندڙ عورتن ۽ روزگار ڪندڙ عورتن ۾ پنڪ اسڪوٽيون ورهائي انهن کي چابيون حوالي ڪيون

بقايا *** 20

ڪئي جنهن ۾ گڏيل تعاون تي ڳالهيون ڪيون ويون پرڏيهي آفيس مطابق محمد اسحاق ڊار گڏريل شال جمهوريه ڪوريا جي پرڏيهي وزارت جي نائب وزير يونگو پونڊو سان ملاقات ڪئي ملاقات انطاليا فورم جي موقعي تي ٿي جتي ٻنهي اڳواڻن گڏ دلچسپي وارن معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ان موقعي تي ڪوريا جي پرڏيهي وزارت جي نائب وزير خطي جي امن ۽ استحڪام لاءِ پاڪستان جي مسلسل سفارتي ڪوشش کي ساراهيو پرڏيهي آفيس مطابق ملاقات ۾ ٻنهي ملڪن وچ ۾ تعاون کي مضبوط بڻائڻ ۽ اهم علائقائي معاملن تي هم آهنگي وڌائڻ تي زور ڏنو ويو

بقايا *** 21

جنهن ۾ خطي جي صورتحال تي ڳالهيون ڪيون ويون گهرو وزير سڪندر مومني جنگبندي ۾ مصلحتي ڪردار تي پاڪستان جي تاريخي ڪوشش کي ساراهيو ان موقعي تي ايراني گهرو وزير چيو ته جنگبندي برادر ملڪ پاڪستان جي ٽياڳري ۾ قائم ٿي ايران پاڪستان جو مخلصاڻو ۽ هاڪاري ڪردار ياد رکندو محسن نقوي چيو ته پاڪستان خطي ۾ امن چاهي ٿو ۽ اهو تڪرار جي پائيدار حل لاءِ ڪوششون ڪيون پيون وڃن جنگ ڪنهن مسئلي جو حل ناهي..

بقايا *** 22

کولڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو. ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل بيان ۾ چيو ته لبنان ۾ جنگبندي جي ڏسندي آبناءِ هرمز مان سڀني واپاري بحري جهازن جي اچ وڃ جنگبندي جي باقي مدي لاءِ مڪمل طور کولي رهيا آهيون. هن چيو ته اها اچ وڃ ان گڏيل رستي موجب هوندي. جنهن جو اعلان ايران جي پورٽس اينڊ ميري ٽائم آرگنائيزيشن آف ايران طرفان ڪيو ويو آهي. جيڪا اسلامي جمهوريه ايران تحت ڪم ڪندي آهي. هوڏانهن ايراني فوج چيو آهي ته فوجي جهازن کي آبناءِ هرمز مان گذرڻ جي اجازت ناهي، جڏهن ته واپاري جهاز مقرر رستي ۽ پاسداران انقلاب نيوي جي اجازت سان گذري سگهن ٿا. واضح رهي ته آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ اعلان ڪيو هو ته لبنان ۽ اسرائيل وچ ۾ 10 ڏينهن جي جنگبندي تي اتفاق ٿي چڪو آهي.

بقايا *** 23

گورنر هائوس ۾ ملاقات ڪئي، جنهن دوران پاڪ_ آمريڪا لاڳاپن، گڏيل دلچسپي وارن معاملن ۽ علائقي جي موجوده جيو پوليٽيڪل صورتحال تي تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون. ملاقات دوران علائقائي امن ۽ استحڪام کي هٿي، سفارتي سهڪار ۽ عالمي چيلينجز کي منهن ڏيڻ لاءِ گڏيل ڪوششن جي ضرورت تي زور ڏنو ويو. گورنر سنڌ ان موقعي تي چيو ته پاڪستان جي مستقل پاليسي ڳالهين، سفارتڪاري ۽ تڪرارن جي پرامن حل تي ٻڌل آهي، جڏهن ته ٻطرفن لاڳاپن کي باهمي احترام، برابري ۽ گڏيل مفادن جي بنياد تي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ وقت جي ضرورت آهي. گورنر سنڌ ڪراچي کي ملڪ جو معاشي مرڪز قرار ڏيندي چيو ته هتي آمريڪي سيڙپڪاري لاءِ وڏا موقعا موجود آهن. خاص طور تي آءِ ٽي، توانائي، انفراسٽرڪچر ۽ لاجسٽڪس جي شعبن ۾ سهڪار کي وڌيڪ وڌائي سگهجي ٿو. ملاقات ۾ ماحولياتي چيلينجز، تعليمي لاڳاپن، اسڪالرشپس ۽ عوامي سطح تي رابطن جي واڌاري تي به اتفاق ڪيو ويو. گورنر سنڌ چيو ته پاڪستان آمريڪا سان متوازن ۽ تعميري شراڪتداري جو خواهشمند آهي. هن وڌيڪ چيو ته وزيراعظم يوٿ پروگرام تحت نوجوانن کي 200 کان وڌيڪ شعبن ۾ جديد تربيت فراهم ڪئي پئي وڃي ته جيئن ڪين بااختيار بڻائي قومي ترقي ۾ سندن ڀرپور ڪردار کي يقيني بڻائي سگهجي. ان موقعي تي آمريڪي قونصل جنرل چارلس گڊمين وزيراعظم پاڪستان ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي عالمي امن جي هٿي لاءِ ڪيل ڪوشش کي ساراهيندي چيو ته آمريڪا انهن قدمن کي قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿو هن چيو ته پاڪستان ۽ آمريڪا جو عوام امن پسند آهي ۽ عالمي ۽ علائقائي استحڪام لاءِ پرعزم آهن. قونصل جنرل وڌيڪ چيو ته ڪراچي ۽ هيوسٽن سسٽر سٽيز آهن. جنهن تحت ٻنهي شهرن وچ ۾ ڪاروبار، واپار ۽ ايڪسچينج پروگرامز ۾ سهڪار کي هٿي ڏني پئي وڃي. ملاقات ۾ ان ڳالهه تي به زور ڏنو ويو ته ٻنهي ملڪن وچ ۾ واپاري، معاشي ۽ عوامي سطح جي لاڳاپن کي وڌيڪ وڌايو وڃي. آخر ۾ ٻنهي ڌرين پاران ان عزم جو اظهار ڪيو ويو ته باهمي سهڪار کي وڌيڪ مضبوط بڻائي لاڳاپن کي نئين اوچائي تائين پهچايو ويندو

بقايا *** 24

جي شهرن ۽ ڳوٺن ڏانهن واپس وڃڻ شروع ٿي ويا آهن جمعي جي صبح سوير محتاط جشن جي وچ ۾ واپسي جو عمل شروع ٿيو جيڪو هفتن تائين جاري سخت ويڙهه کان پوءِ ٿيو آهي بيروت جي اتر طرف ويندڙ رستا گاڏين سان ڀرجي ويا، جتي وڏي انگ ۾ ماڻهو [illegible] جي ڏکڻ علائقن ڏانهن موٽي رهيا هئا بيروت ۽ جبل لبنان کي ڏاکڻ شهرن صيدا ۽ صور سان ڳنڍيندڙ ساموندي شاهراهه تي پڻ واپس ويندڙ خاندانن جون ڊگهيون قطارون ۾ نظر آيون ڪجهه ماڻهو گهرن ڏانهن ويندي فتح جا نشان ڏيکاري رهيا هئا نوجوان ڇوڪريون به فتح جا نشان ڏيکاريندي ڪافي خوش نظر آيون.

بقايا *** 25

امير حاتمي جو چوڻ آهي ته دشمن چاهين ٿا ته ايران انهن جي آڏو هٿيار ڦٽا ڪري، پر انهن جي خواهش ڪڏهن به پوري نه ٿيندي. هڪ تقريب کي خطاب ڪندي، ايراني آرمي چيف آف اسٽاف چيو ته [illegible] ٻاهرين دٻاءُ ۽ قاتلاڻي حملن جي باوجود، عوام جي لوهي ارادي ۾ ڪا به گهٽتائي نه آئي آهي. دشمن غلط اندازو لڳايو هو ته قيادت جي خاتمي سان ملڪ به ٽٽي پوندو. جڏهن ايراني سفارتي عملدار ڳالهين ۾ مصروف هئا، ته ايران دشمن جي جارحيت جي منهن ڏنو. ميجر جنرل امير حاتمي جو چوڻ آهي ته ايراني اختيارين جي بهادر ڪوششن جنگ دوران ايران لاءِ ڪا به پريشاني پيدا نه ڪئي. بحري ناڪابندي قزاقي جي هڪ شڪل آهي. ايران دشمن جي ڪوشش کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏيندو. مون جهڙا هزارين ماڻهو هن ملڪ ۽ ان جي ماڻهن لاءِ پاڻ کي قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهن. اسان ڪڏهن به نه جهڪنداسين.

بقايا *** 26

ٿ جي فيصلي جي آجيان ڪندي چيو آهي ته مفت يونٽن جو خاتمو عوام جو پراڻو مطالبو هو. جيڪو هاڻي پورو ٿي چڪو آهي. هن وڌيڪ چيو ته الله تعاليٰ موجوده حڪومت کي انهن قدم جو اعزاز عطا ڪيو آهي. اويس لغاري اهو به چوي ٿو ته انشاء الله، اسان ضرور هر اهو قدم کڻنداسين جيڪو ملڪ ۽ قوم جي بهتري لاءِ هوندو.

بقايا *** 27

عامر فاروق اڪثريتي راءِ سان جاري ڪيو. جنهن ۾ قرار ڏنو ويو ته پرڏيهي پاليسي ۽ قومي سلامتي جا معاملا مڪمل طور تي حڪومت جي اختيار ۾ اچن ٿا ۽ عدليه انهن معاملن ۾ مداخلت نٿي ڪري سگهي. فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته حڪومت کي اختيار آهي ته اهو فيصلو ڪري ته ڪهڙن ملڪن سان واپاري لاڳاپا برقرار رکڻا آهن ۽ ڪهڙن تي پابنديون لڳائڻيون آهن. عدالت واضح ڪيو ته جيڪڏهن عدليه واپاري پاليسين ۾ مداخلت ڪندي ته اها آئيني حدن کان وڌي ويندي. عدالت لاهور هاءِ ڪورٽ جي وفاقي حڪومت لاءِ نظرثاني آفيسر مقرر ڪرڻ جي حڪم کي به رد ڪري ڇڏيو. ۽ چيو ته هي قدم پاڻمرادو نوٽيس جي دائري اختيار کان ٻاهر آهي، پر درخواستگذار پنهنجن مسئلن جي حل لاءِ سڌو سنئون وفاقي حڪومت سان رابطو ڪري سگهن ٿا. فيصلي موجب، پڙهڻ جو حق هڪ بنيادي حق آهي. جيڪو ملڪي قانونن ۽ پرڏيهي پاليسي پاران لاڳو ڪيل پابندين جي تابع آهي. عدالت وڌيڪ چيو ته پاڪستان جو آئين هڪ ارتقا پذير دستاويز آهي جيڪو وقت سان گڏ نون حقن جي تشريح جي گنجائش فراهم ڪري ٿو. جڏهن ته آرٽيڪل 25_A تحت مفت تعليم جو حق اسڪول ۽ ڪاليج جي سطح تائين محدود آهي. ٻئي طرف، جسٽس علي باقر نجفي پنهنجي اضافي نوٽ ۾، پڙهڻ ۽ لکڻ جي حق کي بنيادي حق قرار ڏنو پڙهڻ ۽ لکڻ جهڙي ٻئي حق گڏيل آهن ۽ هڪ ٻئي کان سواءِ مڪمل نه ٿي سگهي. قرآن پاڪ جي پهرين وحي "اقراء" جو حوالو ڏيندي، هن علم جي اهميت تي زور ڏنو ۽ علامه اقبال جي خيالن جو ذڪر ڪندي چيو ته قومن جي ترقي لاءِ ذهني آزادي ۽ شعور جي بيداري ضروري آهي. عدالت اهو به فيصلو ڏنو ته انٽرنيٽ جي دور ۾ معلومات جي مڪمل پابندي عملي طور تي ممڪن ناهي. جڏهن ته. قومي سلامتي ۽ حب الوطني جون گهرجون پنهنجي جاءِ تي آهن. هي فيصلو پاڪستان جي واپار واري وزارت جي اپيل تي ڪيو ويو. جنهن ۾ لاهور هاءِ ڪورٽ جي حڪم کي چئلينج ڪيو ويو هو جنهن ۾ حڪومت کي هندستان کان ڪتابن جي درآمد جو جائزو وٺڻ جي هدايت ڪئي وئي هئي.

بقايا *** 28

جي مشاورت سان اهو فيصلو ڪيو ويو آهي ته سڄي سنڌ ۾ ڊويزن سطح تي پارٽي عهديدارن جي چونڊ ڪرائي ويندي ان سلسلي ۾ پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل ڪراچي ڊويزن جو اهم اجلاس فنڪشنل ليگ هائوس ڪلفٽن ۾ منعقد ٿيو. جنهن جي صدارت پارٽي جي صوبائي سيڪريٽري جنرل سردار عبدالرحيم ڪئي اجلاس ۾ ڪراچي جي ستن ئي ضلعن جي صدرن، جنرل سيڪريٽرين، مختلف ونگز جي ذميوارن ۽ سينيئر اڳواڻن ڀرپور شرڪت ڪئي تفصيلي صلاح مشوري ۽ گڏيل اتفاق راءِ ڪانپوءِ مشهور قانوندان ايڊووڪيٽ انور عظيم ڪانپوءِ مشهور قانوندان ايڊووڪيٽ انور عظيم کي پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل ڪراچي ڊويزن جو صدر چونڊيو ويو جڏهن ته ٻين عهديدارن ۽ ڪميٽي ميمبرن جا نالا به صلاح مشوري سان جلد ظاهر ڪيا ويندا ان موقعي تي سردار عبدالرحيم ايڊووڪيٽ انور عظيم کي صدر چونڊجڻ تي مبارڪباد ڏيندي چيو ته اميد آهي ته هو ڪراچي ۾ پارٽي کي وڌيڪ منظم، فعال ۽ مضبوط بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو هن چيو ته پارٽي ڪارڪن عوام سان ويجهو رابطو رکن ۽ پير صاحب پاڳارا جو پيغام گهر گهر پهچائي وڌيڪ ماڻهن کي فنڪشنل ليگ ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏين سردار عبدالرحيم ڪراچي ۾ امن امان جي خراب ٿيندڙ صورتحال تي ڳڻتي ظاهر ڪندي چيو ته اڄ شهر ۾ ڪو به شهري اسٽريٽ ڪرائيم کان محفوظ ناهي هن چيو ته هڪ منظر سازش تحت نوجوانن کي منشيات، آئس، نشي واري ڇاليا ۽ گٽڪي جهڙين لعنتن ۾ مبتلا ڪيو پيو وڃي، جيڪي کلي عام وڪرو ٿي رهيون آهن هن مطالبو ڪيو ته نوجوانن لاءِ روزگار جا موقعا پيدا ڪيا وڃن. ترقياتي ڪم تيزي سان ڪيا وڃن ۽ صحت ۽ تعليم جي شعبن کي بهتر بڻايو وڃي هن وڌيڪ چيو ته پارٽي کي وڌيڪ مضبوط ۽ فعال بڻائڻ لاءِ سنڌ جي ٻين ڊويزن ۾ به جلد عهديدارن جي چونڊ مڪمل ڪئي ويندي

بقايا *** 29

00 ميگاواٽ تائين پهچي ويو آهي. جنهن جي ڪري مختلف شهرن ۾ بجلي جي ڊگهي غير اعلانيه بندش آهي. ڪراچي جا ڪيترائي علائقا 10 کان 10 ڪلاڪن تائين بجلي کان محروم آهن. جڏهن ته راولپنڊي ۾ 8 کان 10 ڪلاڪن جي لوڊشيڊنگ شهرين جي زندگي کي درهم برهم ڪري ڇڏيو آهي. وفاقي راڄڌاني اسلام آباد ۾ به 6 کان 6 ڪلاڪن تائين بجلي ناهي. ۽ لاهور جا علائقا 5 کان 6 ڪلاڪن تائين بجلي کان محروم آهن. پشاور جي شهري علائقن ۾ 6 ڪلاڪ ۽ مضافاتي علائقن ۾ 14 ڪلاڪ بجلي جي بندش رهي. توانائي واري وزارت صنعتن تي به لوڊشيڊنگ ۾ شامل ڪيو آهي ۽ بند پاور پلانٽس کي ٻيهر شروع ڪرڻ تي غور ڪري رهي آهي. توانائي واري وفاقي وزير اويس لغاري اڄ کان بجلي جي لوڊشيڊنگ ۾ گهٽتائي جو اعلان ڪيو آهي.

بقايا عوامي سوچ 01

ڪيس رپورٽ ٿي چڪا آهن. مقامي ڳوٺاڻو ذوالفقار علي جوکيو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته علائقي ۾ ڊينگي جي وڌندڙ ڪيسن سبب رهواسين کي سخت پريشاني کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. هن اختيارين کان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي ڳوٺ ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ اسپري مهم شروع ڪئي وڃي ته جيئن ڊينگي وائرس کي وڌيڪ پکڙجڻ کان روڪي سگهجي. هن وڌيڪ چيو ته صحت کاتي جون ٽيمون جلد کان جلد علائقي جو دورو ڪري احتياطي اپاءَ وٺن ۽ عوام کي آگاهي فراهم ڪن. علائقي جي رهواسين پڻ ضلعي انتظاميا ۽ صحت کاتي کان گهر ڪئي آهي ته هنگامي بنيادن تي قدم کڻي ڊينگي جي خاتمي لاءِ فوري ڪارروائي ڪئي وڃي، نه ته بيماري وڌيڪ ڦهلجڻ جو خطرو وڌي سگهي ٿو.

بقايا عوامي سوچ 02

ڪرپشن جا سنگين الزام لڳل آهن اختيارين جو چوڻ آهي ته ڪيس جي جاچ جاري آهي ۽ وڌيڪ اهم انڪشافن جو امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 03

اسڪوٽي هلائڻ جي ٽريننگ ڏني پئي وڃي، ٽريننگ ٽن ڏينهن تي مشتمل آهي جنهن دوران روڊ سيفٽي، اسڪوٽي ڪنٽرول ۽ ڊرائيونگ جي بنيادي مهارتن بابت سکيا ڏني وڃي ٿي، ٽريننگ مڪمل ٿيڻ بعد اميدوارن کان ٽيسٽ ورتي ويندي ۽ ٽيسٽ پاس ڪندڙ شاگردياڻين کي اسڪوٽيون فراهم ڪيون وينديون، اسڪيم تحت درخواست ڏيندڙ لاءِ شرط رکيا ويا آهن ته هو سنڌ صوبي جي مستقل رهواسي هجن، شاگردياڻيون يا ڪم ڪندڙ عورتون هجن ۽ وٽن موٽرسائيڪل هلائڻ جو صحيح لائسنس موجود هجي، جڏهن ته چونڊ ٿيندڙ اميدوار ستن سالن تائين اسڪوٽي وڪرو يا ڪرائي تي ڏيڻ جا مجاز نه هوندا، اسڪوٽين جي ورهاست شفاف بيلٽنگ ذريعي ميڊيا جي موجودگي ۾ ڪئي ويندي جنهن لاءِ ايڪسائيز، ٽرانسپورٽ، فنانس کاتن ۽ ميڊيا تي ٻڌل ڪاميٽي جوڙي ويندي، درخواست ڏيڻ لاءِ اميدوارن کي سرڪاري ويب سائيٽ https://smta.sindh.gov.pk تي وڃي ”پروجيڪٽس“ سيڪشن مان ”EV Scooty Ballot Form“ ڀرڻو پوندو، جڏهن ته ذريعن موجب ٽريننگ مڪمل ڪندڙ ۽ ڪامياب ٿيندڙ شاگردياڻين ۾ اسڪوٽيون ورهائڻ جي تقريب ۾ بلاول ڀٽو زرداري ۽ شرجيل انعام ميمڻ پاران اسڪوٽيون ڏنيون وينديون. ميرپورخاص ۾ 300شاگرديائڻين کي پهريان سائيڪل هلائڻ سيکارڻ بعد اسڪوٽي هلائڻ جي سکيا ڏني وئي

بقايا عوامي سوچ 04

سياسي سماجي اڳواڻ محمد خان لنڊ جي اڳواڻي ۾ ڌرڻو هڻي سخت نعريبازي ڪئي وئي ٽرڪول روڊ تي سوين گاڏيون بيهجي ويون ۽ جتي ڊيپلو ڪلوئي مٺي مان وڏي پوليس نفري پهتي جنهن کان پوءِ ايس ايڇ او ڊيپلو، ايس ايڇ او ڪلوئي ايس ايس پي ٿرپارڪر جي نمائندگي ڪندي ڊي ايس پي ماجد قائم خاني پڻ سياسي سماجي اڳواڻ محمد خان لنڊ سان فون تي ڳالهايو جنهن کان پوءِ مظاهرين جي مطالبن کي قبول ڪندي سويو خان لنڊ تي پوري فيملي تي ڪوڙي ڪيس جي ڊي ايس پي ماجد قائم خاني جي اڳواڻي ۾ جي آئي ٽي ٽيم جوڙي انويسٽيگيشن ڪئي ويندي ونگارو پوليس اهلڪارن کي صبح تائين ڪلوئي ٿاڻي مان هڪدم هٽايو ويندو ، اڌ ڪلاڪ ڳالهين کان پوءِ ڌرڻو ختم ڪري ٽريفڪ بحال ڪئي وئي

بقايا عوامي سوچ 05

يس ڪلب تائين پهتي، جتي مظاهرين پوليس انتظاميا خلاف سخت نعريبازي ڪئي. احتجاجي ريلي جي اڳواڻي رضا محمد خاصخيلي، منور سومرو، الله بخش چوهاڻ ۽ ٻين ڪئي. اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪار پارڪنگ جي آڙ ۾ ڀتا طلب ڪرڻ تي خاصخيلي برادري جي ماڻهن تي حملو ڪيو ويو، جنهن ۾ گل محمد خاصخيلي سميت ڏهه کان وڌيڪ ماڻهو زخمي ٿيا. مظاهرين الزام هنيو ته ٻڙدي برادري جا ڪجهه ماڻهو دل جي اسپتال پرسان ڀتاخوري ۾ ملوث آهن ۽ ڪيس داخل ٿيڻ باوجود پوليس جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي. هنن چيو ته جوابدار کلي عام گهمي رهيا آهن، جڏهن ته انتظاميا خاموش تماشائي بڻيل آهي. احتجاج ڪندڙن آءِ جي سنڌ ۽ ڊي آءِ جي حيدرآباد کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي. اڳواڻن چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن مطالبا پورا نه ڪيا ويا ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا عوامي سوچ 06

اتمي ۾ پوليو ورڪرز جو اهم ڪردار آهي. تنهن ڪري، انهن کي سنجيدگي سان ڪم ڪرڻ گهرجي. هن وڌيڪ چيو ته پوليو جي خاتمي لاءِ اسان جون گڏيل ڪوششون جاري آهن. . دوري دوران، ضلعي صحت آفيسر ڊاڪٽر سنديپ ڪمار، ايريا انچارج، يو سي ايم او ڊاڪٽر زين پڻ موجود هئا

بقايا عوامي سوچ 07

آ ر ۾ چاڙهيو ويو آهي ته هي افسوس ناڪ واقعو معصوم ٻار کي مبارڪباد طور ملندڙ خرچي جي پيسن تان پيش آيو. ٻار جي ناني بيان ڏنو آهي ته سندس ڌيءُ موجب، جوابدار معصوم ٻار کي مليل خرچي جا گڏ ٿيل پئسا گهريا هئا پر انڪار ڪرڻ تي جوابدار پنهنجي ٽئي ٻار کي ماءُ جي هنج مان ڪسي پاڻي جي کليل ٽانڪي ۾ اڇلائي ڇڏيو. مدعي جو وڌيڪ چوڻ هو ته جوابدار اڪثر سندس ڌيءُ تي تشدد ڪندو هو. جڏهن ته واقعي وقت ڌيءُ جي دانهن تي پاڙيسرين گڏ ٿي ٻار کي ٽانڪي مان ٻاهر ڪڍيو پر هو تيسائين دم ڏئي چڪو هو. جڏهن ته پوليس واقعي جي وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي.

بقايا عوامي سوچ 08

ي، جنهن ۾ لاڳاپيل ماڻهن جا بيان رڪارڊ ڪرڻ، شاگردياڻي جي ڪلاس فيلوز، دوستن ۽ فيملي ميمبرن سان ڳالهيون ڪرڻ شامل آهن هن ٻڌايو ته فهيمده لغاري جي ذاتي زندگي، ذهني دٻاءُ ۽ امڪاني مسئلن بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ فرسٽ ايئر کان وٺي آخري ڪلاس تائين سائٽس پڙهندڙ شاگردن کان به پڇا ڳاڇا ڪئي وئي آهي ته ڇا هن پنهنجي پريشاني ڪنهن سان شيئر ڪئي هئي يا نه ڪميٽي نجي ميڊيڪل ڪاليج رڪارڊ، شڪايتن ۽ لاڳاپيل دستاويزن جو به جائزو ورتو آهي سندس چوڻ موجب ڪيس سان لاڳاپيل سي سي ٽي وي فوٽيج پڻ حاصل ڪئي وئي آهي، جنهن جي فورنزڪ جاچ جاري آهي، چو ته ڪجهه رڪارڊ پاسورڊ سان محفوظ آهن، جن کي کولڻ ۾ وقت لڳي رهيو آهي هن وڌيڪ چيو ته جاچ دوران اهو به ڏٺو پيو وڃي ته لاڳاپيل استاد واقعي باقاعده ڪلاسون وٺندو هو يا نه ۽ آخري ڏينهن تي پيش آيل واقعن بابت به تفصيلي جائزو ورتو پيو وڃي سهائي عزيز ٽالپر جو چوڻ هو ته فهيمده لغاري 22 ورهين جي ذهين شاگردياڻي هئي، جنهن انتهائي سنجيده قدم کنيو، تنهن ڪري ڪيس کي سادو يا عام انداز ۾ پيش ڪرڻ درست نه ٿيندو هن زور ڀريو ته مڪمل جاچ ۽ تجزئي کان پوءِ ئي حتمي نتيجن تائين پهچبو، چو ته هي معاملو هڪ انساني زندگي سان جڙيل آهي ۽ ان سان لاڳاپيل هر پهلو کي سنجيدگي سان ڏسڻ ضروري آهي

بقايا عوامي سوچ 09

جوابدار ڪلينڪ کي تالا هڻي فرار ٿي ويا آهن. پورهيت جي گهر ۾ ماتم برپا ٿي ويو آهي. تفصيل موجب مورچڏائي جي ڳوٺ حاجي شاهه جي رهواسي پورهيت بچايو شاهه پنهنجي اٺن مهينن جي معصوم پٽ عرفان شاهه کي معمولي بخار ٿيڻ تي ڀگهاڻ شهر جي ريشم گلي ۾ واقع ڊاڪٽر جيئند خاصخيلي جي پرائيويٽ ڪلينڪ تي کڻي آيو. وارثن جو چوڻ آهي ته ڪلينڪ تي موجود سيڪڙاٽ ڊسپينسر لقمان ساڪاٽي بلوچ ٻارڙي جو معائنو ڪرڻ کانپوءِ ڪيس هڪ انجيڪشن لڳائي، جنهن کان ڪجهه دير پوءِ ٻارڙي جي حالت خراب ٿي وئي ۽ هو تڙپي تڙپي فوت ٿي ويو. معصوم ٻارڙي جي فوت ٿيڻ واري خبر جهنگ جي باهه وانگر شهر ۾ پکڙجي وئي، جنهن تي علائقي واسين ۾ سخت ڪاوڙ جي لهر ڇانئجي وئي. ٻئي پاسي مبينا طور معصوم جي جان وٺندڙ ڊسپينسر لقمان بلوچ ۽ ڪلينڪ جو مالڪ جيئند خاصخيلي واقعي واري هنڌان ڪلينڪ کي تالا هڻي غائب ٿي ويا آهن. صحافين سان ڳالهائيندي فوتي نينگر جي چاچي سيد احمد شاهه دانهيندي چيو ته ”اسان جو ٻار رڳو معمولي بخار ۾ هو، پر هنن قاتل عطائين ڪيس موت جي ننڊ سمهاري اسان جو گهر اجاڙي ڇڏيو آهي. لقمان بلوچ کي ڪا به خبر ناهي ته ڪهڙي بيماريءَ ۾ ڪهڙي انجيڪشن لڳي ٿي.“ هن وڌيڪ چيو ته شهر ۾ ڪيترائي عطائي انساني جانين سان ڪيڏي رهيا آهن پر انهن کي روڪڻ وارو ڪو ناهي. فوتي ٻارڙي جي وارثن ۽ ڳوٺاڻن ڊي سي ٺٽو، ڊي ايڇ او ٺٽو، سيڪريٽري صحت سنڌ کان مطالبو ڪيو آهي ته معصوم عرفان شاهه جي موت جو ذميوار عطائي ڊسپينسر لقمان بلوچ ۽ ڪلينڪ مالڪ خلاف ڪاروائي ڪري ساڻن انصاف ڪيو وڃي ۽ عطائي ڊاڪٽرن جون غير قانوني ڪلينڪس کي فوري بند ڪرايون وڃن ته جيئن ٻين معصوم جانين کي بچائي سگهجي

بقايا عوامي سوچ 10

تي پهچي عبدالغفور پليپوٽو کي اجرڪون اوڍائي مبارڪون ڏنيون

بقايا عوامي سوچ 11

ي سيڪريٽري بين الصوبائي رابطن واري کاتي ۽ ڪوآپريٽو ڊپارٽمينٽ خيرالنساءِ مغل، ڊاڪٽر فهيمده لغاري جي واقعي تي سخت ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي ايس ايس پي آفيس ميرپورخاص ۾ اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪئي اجلاس ۾ ايس ايس پي ميرپورخاص سيد فدا حسين شاهه، آءِ جي سنڌ پوليس طرفان قائم ڪيل جاچ ڪميٽي جي سربراهه ايس ايس پي ٽيڪنيڪل اينڊ فرانزڪ سي ٽي ڊي سهائي عزيز ٽالپر، ميمبرن ۾ ايس ايس پي سجاول عليند راڄپر، انسپيڪٽر فياض حسين، آءِ او ڪمراڻ هاليپوٽو، ابن سينا يونيورسٽي ۽ محمد ميڊيڪل ڪاليج جي چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر سيد رضي محمد، ڊاڪٽر فرزانه، ميرپورخاص يونيورسٽي جي وائس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر محمد رفيق ميمڻ، رجسٽرار پير سهيل جان سرهندي ۽ سول سوسائٽي جي محمد بخش ڪپري شرڪت ڪئي خيرالنساء مغل چيو ته هوءَ پاڪستان پيپلز پارٽي جي اعليٰ قيادت جي هدايتن تي هتي آئي آهي ته جيئن وارثن کي مڪمل انصاف ملي سگهي ۽ شفاف جاچ کي يقيني بڻائي سگهجي هن چيو ته پيپلز پارٽي هميشه عورتن جي حقن لاءِ آواز اٿاريو آهي، جنهن سبب پارليامينٽ ۾ وومين پارليامينٽرين ڪوڪس ۽ وومين ڪميشن جهڙا اهم فورم موجود آهن هن وڌيڪ چيو ته فهيمده لغاري، جيڪا مستقبل ۾ سٺي ڊاڪٽر بڻجڻ واري هئي، ان جو اهڙي نموني زندگي وڃائڻ انتهائي افسوسناڪ ۽ ڏکوئيندڙ واقعو آهي، پر سنڌ حڪومت ۽ مقامي انتظاميه ان واقعي جي مڪمل جاچ لاءِ سنجيده آهن ان سلسلي ۾ ايماندار آفيسرن تي مشتمل جاچ ڪميٽي قائم ڪئي وئي آهي ته جيئن واقعي جي سببن جي شفاف ۽ غير جانبدار جاچ ڪري ملوث ماڻهن کي سخت سزا ڏني وڃي اجلاس ۾ ايم پي اي خيرالنساء مغل، پوليس، لاڳاپيل ادارن ۽ وارثن طرفان جاچ ڪميٽي تي مڪمل اعتماد جو اظهار ڪيو ويو ۽ اميد ظاهر ڪئي وئي ته جاچ شفاف ۽ غير جانبدار هوندي خيرالنساء مغل برهمي جو اظهار ڪندي چيو ته اعليٰ تعليمي ادارن ۾ شاگردن لاءِ ڪائونسلنگ جو مناسب انتظام نه آهي، جڏهن ته اينٽي هراسمنٽ قانون موجود آهي، تنهن تحت ادارن ۾ اينٽي هراسمنٽ سيلز کي فعال ڪرڻ ضروري آهي ۽ ڪم ڪندڙ جڳهن تي عورتن کي هراس ڪرڻ خلاف 2010 واري قانون تي مڪمل عملدرآمد ٿيڻ گهرجي.هن ڊاڪٽر فهيمده لغاري جي وارثن کان جاچ ڪميٽي تي اعتماد بابت رضامندي ورتي، جنهن تي وارثن مڪمل اعتماد جو اظهار ڪيو ان موقعي تي سول سوسائٽي جي محمد بخش ڪپري تعليمي ادارن، جهڙوڪ ميرپورخاص يونيورسٽي، پٽائي ڊينٽل ڪاليج ۽ آءِ بي اي ڪيمپس ميرپورخاص جي سربراهن کي صلاح ڏني ته هو شاگردن لاءِ ڪائونسلنگ جو بندوبست ڪن ۽ اينٽي هراسمنٽ ڪميٽين کي فعال بڻائين ته جيئن مستقبل ۾ اهڙن واقعن کان بچي سگهجي آخر ۾ اجلاس جو اختتام ڊاڪٽر فهيمده لغاري جي بلندين درجن لاءِ فاتحه خواني سان ڪيو ويو

بقايا عوامي سوچ 12

ريما ڌيءُ ڪوڙو خان ڀبر نوجوان غلام نبي پٽ غازي خان ڀبر تحفظ لاءِ دادو پريس ڪلب پهچي ناري ريما ميڊيا آڏو دانهيو ته منهنجو مڱڻو ماروٽ غلام نبي سان ٿيل هو، ڪائنس منهنجا مائٽ پئسه وٺندا هئا، هاڻي پئسن عيوض مونکي ٻيو مڙس ڏين پيا، ان ڪري گهران نڪري عدالت ۾ نڪاح ڪيو آهي، جنهن تان منهنجا پائر مائٽ مير ڀبر، عظيم، گل حسن، محبوب ڀبر اسان کي مارڻ لاءِ پويان پيل آهن. هنن سيشن جج دادو، ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته تحفظ ڏئي جان بچائي وڃي،

بقايا عوامي سوچ 13

نٽ سبسڊي تحت ڪٽڪ جي لاءِ ٻج ۽ ڀاڻ ورتو آهي، اهي پنهنجي ڪٽڪ ساڍا 12 مڻ، جيڪي 10 ڪٽا ٿين ٿا، 50 ڪلو في ايڪڙ جي حساب سان آيل موبائل ميسيج تحت ڪٽڪ فوڊ خريداري سينٽر تي پهچائين، ڪين في مڻ 3500 سئو روپين جي حساب سان اعلي ڪوالٽي جي ڪٽڪ جي قيمت ادا ڪئي ويندي ۽ ڪٽوتي في ڪٽو 50 ڪلو گرام وارو جيڪي نوان ڪٽا هوندا، اهي في خالي ڪٽو (بارداڻي) جي رقم ڪين 60 روپين جي حساب سان ڪٽڪ جي بل ۾ ادا ڪئي ويندي، هنن ڄاڻايو آهي ته جيڪو نه ڏيندو ته ان جي گورنمنٽ پاران سبسڊي بند ڪئي ويندي. ان ڪري هاري ڪارڊ رکندڙ سمورن ماڻهن کي گهرجي ته هو جلد پنهنجي ڪٽڪ فوڊ خريداري سينٽرن تي پهچائين، جيئن ڪين گورنمنٽ مان ملندڙ سبسڊي مان فائدو حاصل ٿي سگهي. ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو ۽ ڊسٽرڪٽ فوڊ ڪنٽرولر ٺٽو/سجاولفوڊ ڊپارٽمينٽ ٺٽو پاران اهو پڻ ڄاڻايو ويو آهي ته مڪلي/جنگشاهي روڊ تي قائم ڪيل فوڊ آفيس سان پڻ رابطو ڪري سگهن ٿا. جيئن ڪين ڪا پريشاني ٿي نه سگهي.

بقايا عوامي سوچ 14

ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري وڪيل خلاف نعري بازي ڪئي، مظاهرين اياز علي ڪلهوڙو، عبدالجبار عباسي، مدثر عباسي، محمد اسماعيل عباسي ۽ ٻين ميڊيا آڏو الزام لڳايو ته مخالف وڪيل الاهي بخش جمالي پاران ٻارن جي ڳالهه تان سکر دادو ۽ شڪارپور ۾ 9 گهرياتين مٿان الڳ الڳ ڪيس داخل ڪرائي رڻ ٻاري جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي، مظاهرين چيو ته وڪيل سان ٿيل اٽيٽ جو فيصلو پڻ ٿيل آهي پر ان باوجود به وڪالت جي آڙ ۾ اسان مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪرايا پيا وڃن، هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو حيدرآباد، کان مطالبو ڪيو ته داخل ڪوڙا ڪيس ختم ڪري ساڻن انصاف ڪيو وڃي، ٻئي طرف الزام هيٺ آيل وڪيل الاهي بخش جمالي چيو آهي ته ڪيس منهنجي پٽڻ تي قاتلاڻو حملو ڪيو ويو جنهن جو ڪيس اي سيڪشن ٿاڻي تي داخل ڪيو ۽ هن سکر ۾ مخالف عباسي برادري جي ماڻهن مون تي سکر ۾ حملو ڪيو جنهن جو ڪيس مون اي سيڪشن سکر ٿاڻي تي داخل ڪرايو ته ڪيس ۽ چاڙهايل ٻن جوابدارن غلام رسول ۽ فهد عباسي کي سکر پوليس دادو پهچي ڪاله گرفتار ڪيو آهي جنهن بعد مون مٿان ڪوڙا الزام لڳايا ويا آهن.

بقايا عوامي سوچ 15

خودڪشي ڪرڻ تي مجبور ڪرڻ جي واقعن خلاف مرڪزي صدر ايڊووڪيٽ جي اين ڪوسو ، ڊاڪٽر ماروي پليجو ، پروين پليجو ، صائما ڪوسو ۽ فضا سمون جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪري پريس ڪلب مڪلي اڳيان ڌرڻو هڻي ويهي رهيا . احتجاجي مظاهري ۾ شريڪ عورتن ۽ ڪارڪنن جي وڏي انگ جهنڊا ۽ پلي ڪارڊ کڻي ڪاروڪاري ۽ عورت دشمن دستور خلاف سخت نعريبازي ڪئي . تعليمي ادارن مان نياڻين کي حراسان ڪندڙ خونخوار درندن کي نيڪالي ڏيو. ڪاروڪاري جي نالي م عورتن کي قتل ڪندڙ جوابدارن کي ڦاسي ڏيو . ڊاڪٽر فهميده لغاري ، روبينا چانديو ۽ شمائلا چانديو جي قاتلن کي گرفتار ڪري ڦاسي ڏيو . مڪلي پريس ڪلب ٺٽو اڳيان ڌرڻي کي خطاب ڪندي مرڪزي صدر ايڊووڪيٽ جي اين ڪوسو چيو ته زرداري مافيا جي ڀوتارڪي سرڪار سنڌ کي عوامي پورهيت تحريڪ جي مرڪزي سيڪريٽري ڊاڪٽر ماروي پليجو خطاب ڪندي چيو ته سنڌ م ڀوتارڪي نظام تحت عورتن کي ڪاروڪاري ڪري قتل ڪندڙ جوابدارن کي جڻ لائيسنس مليل هجي . جيستائين ڪاروڪاري جي نالي م قتل ڪندڙ قاتلن ۽ تعليمي ادارن ۾ نياڻين کي حراسان ڪري خودڪشي ڪرڻ تي مجبور ڪندڙ قاتلن کي سرعام ڦاهي نه چاڙهيو ويندو سنڌ جي اندر هر نئين ڏينهن اسان جون نياڻيون ۽ ڀينرون قتل ٿينديون رهنديون. پروين پليجو، صائمه ڪوسو ۽ فضا سمون خطاب ڪندي مطالبو ڪيو ته ڊاڪٽر فهميدا لغاري کي حراسان ڪري خودڪشي ڪرڻ تي مجبور ڪندڙ سمورا جوابدار گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي . هنن مطالبو ڪيو ته روبينا چانديو ۽ شمائلا چانديو جي قاتلن کي سر عام ڦاهي چاڙهيو وڃي، احتجاجي مُظاهري ۾ هاشم پليجو سميت ٻين ڪارڪنن ۽ اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 16

اسلام دين فوت ٿي ويو جڏهن ته ساٿس گڏ ڪم ڪندڙ نيڪ محمد ولد ميرمحمد دل سخت زخمي ٿي پيو، ٻنهي کي فوري طور سول اسپتال ميرپورخاص منتقل ڪيو ويو جتي زخمي کي طبي امداد فراهم ڪئي پئي وڃي، ذريعن موجب واقعو ڪم دوران پيش آيو پر ان جا اصل سبب اڃا تائين سامهون اچي نه سگهيا آهن. جڏهن ته علائقي واسين واقعي تي ڏک جو اظهار ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ صنعتي ادارن ۾ حفاظتي اپاءَ لازمي بڻايا وڃن

بقايا عوامي سوچ 17

ر فار پيس اينڊ ڊولپمينٽ انيشيئيٽو (سي پي ڊي آءِ) پنهنجي سٽيزن نيٽ ورڪ فار بجيٽ اڪائونٽيبلٽي (سي اين بي اي) جي ذريعي پنهنجي ”اسٽيٽ آف بجيٽ ٽرانسپيرنسي رپورٽ 2025“ جا نتيجا ميڊيا بريفنگ دوران ضلعي ۾، پارٽنر سول سوسائٽي اداري جي سهڪار سان شيئر ڪيا. هن رپورٽ ۾ مالي سال 2024_25 تي ڌيان ڏنو ويو آهي، ڇاڪاڻ ته موجوده مالي سال اڃا جاري آهي ۽ ان جو مڪمل ڏيٽا سال جي آخر ۾ ئي دستياب ٿيندورپورٽ موجب پاڪستان ۾ بجيٽ جي شفافيت محدود ۽ غير برابر آهي، عوامي شرڪت ڪمزور آهي ۽ احتساب جي نظام ۾ خال موجود آهن اهم بجيٽ دستاويز باقاعدي طور عوام آڏو پيش ناهن ڪيا ويندا، ۽ شهرين کي بجيٽ جي ترجيحن تي اثر انداز ٿيڻ جا موقعا تمام گهٽ ملن ٿاميڊيا بريفنگ دوران، (سي ايس او جي نمائنديابراهيم هيجب، سنڌ ڪلچرل فورم جي چيئرمين صادق لاڪو، ليڪ الهجڙيو برفت، سماج سڌارڪ غلام نبي زئنور، قادر اوٺو، حاجي ڪريم هيجب ۽ ٻين چيو ته جيتوڻيڪ بجيٽ وقت سر پيش ڪيا وڃن ٿا، پر پارلياماني مشاورت ڪمزور آهي، بحث لاءِ محدود وقت ڏنو ويندو آهي ۽ مناسب جاچ پڙتال نه ڪئي ويندي آهي وڌيڪ اهو ته عملدرآمد جي مرحلي ۾ شفافيت وڌيڪ گهٽجي وڃي ٿي، چو ته حڪومتون خرچن ۽ آڊٽ رپورٽن کي وقت سر شايع نٿيون ڪن، جنهن ڪري مؤثر نگراني متاثر ٿئي ٿي رپورٽ ۾ اهو پڻ ٻڌايو ويو آهي ته پنجاب نسبتا بهتر ڪارڪردگي ڏيکاري ٿو، ان کان پوءِ وفاقي حڪومت جو نمبر اچي ٿو، جڏهن ته سنڌ، خيبر پختونخواہ ۽ بلوچستان هن حوالي سان پوئتي آهن بهرحال، مجموعي طور تي شفافيت جي سطح اڃا به قابل قبول معيار کان گهٽ آهيسي پي ڊي آءِ، سي اين بي اي جي پليٽ فارم ذريعي حڪومتن کان مطالبو ڪري ٿو ته اهي بجيٽ بابت معلومات وقت سرعوام سان شيئر ڪن، عوامي شرڪت کي مضبوط بڻائن ۽ احتساب جو مؤثر نظام قائم ڪن، جيئن عوام جو اعتماد بحال ٿئي ۽ حڪمراني ۾ بهتري اچيسي پي ڊي آءِ، سي اين بي اي جي تحت، پاڪستان جي 101 ضلعن ۾ 64 سول سوسائٽي ادارن جي نيٽ ورڪ سان گڏ ڏهاڪي عرصي کان ڪم ڪري رهيو آهي هي نيٽ ورڪ وفاقي ۽ صوبائي بجيٽ بابت تحقيقاتي رپورٽون شايع ڪرڻ سان گڏوگڏ بجيٽ مشاورتن ۽ مباحثن جو اهتمام پڻ ڪري ٿو، جيئن بجيٽ کي عوامي اميدن جو ترجمان بڻائي سگهجي ۽ بجيٽ سازي جي عمل کي عالمي معيارن سان هم آهنگ ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 18

قادر آريسر جي ميزباني هيٺ هڪ مختصر پروگرام منعقد ڪيو ويو پٿورو:_ پروگرام ۾ استاد داد ابڙو نجم الدين ابڙو اعجاز احمد سومرو ماستر عبدالعزيز ابڙو استاد موهن لال.هتن ڪمار راٺو مل سميت شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي پٿورو:_ ان موقعي تي پوزيشن کٽندڙ شاگردن کي شيلڊون ٽرافيون ۽ ميڊل ڏنا ويا ۽ ڪمپيوٽر جا مختلف ڪورسز مڪمل ڪندڙ شاگردن کي سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا ويا پٿورو:_ پروگرام ۾ شريڪ معزز مهمانن خطاب ڪندي چيو ته هن جديد دور ۾ ڪمپيوٽر جي تعليم تمام ضروري آهي هر شعبي ۾ ڪمپيوٽر لازمي قرار ڏنو پيو وڃي ۽ توهان خوشنصيب آهيو جو توهان جي پنهنجي شهر پٿورو ۾ هڪ بهترين شاهين ڪمپيوٽر سينٽرجي سهولت موجود آهي جتي توهان ڪمپيوٽر جا مختلف ڪورسز آساني سان ڪري سگهو پٿورو:_ هنن جو وڌيڪ چوڻ هو ته اسان جس ڏينهن تا شاهين ڪمپيوٽر سينٽرجي پرنسپال غلام قادر آريسر کي جنهن پٿورو ۽ ان جي ڀرپاسي جي نوجوانن لاءِ پٿورو شهر ۾ شاهين ڪمپيوٽر سينٽر قائم ڪيو جنهن ۾ چوڪرن سان گڏ نياڻيون پڻ ڪمپيوٽر جا مختلف ڪورسز ڪري رهيون آهن ۽ هن سينٽر مان ڪيترائي شاگرد ڪمپيوٽر جا مختلف ڪورسز ڪري مختلف گورنمنٽ توڙي پرائيويٽ ادارن ۾ پنهنجو روزگار ڪري رهيا آهن ۽ ڪجهه نوجوان جيڪي مختلف شهرن ۾ فوٽو اسٽيٽ جا دڪان کولي پنهنجو روزگار ڪري رهيا آهن پٿورو: _ پروگرام جي آخر ۾ پرنسپال غلام قادر آريسر پاران آيل معزز مهمانن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا

بقايا عوامي سوچ 19

ي ساراهيو پيو وڃي. ان ڪاميابي کي نظر ۾ رکندي حڪومت پاڪستان ملڪ ڀر ۾ ”يومِ شڪر“ ملهاڻ جو اعلان ڪيو، جنهن تحت مختلف شهرن ۾ تقريبون، ريليون ۽ دعائيه اجتماع منعقد ڪيا پيا وڃن. ڪراچي جي ڊپٽي ڪمشنراوله آفيس ۾ منعقد ٿيل ريلي پڻ ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي.ان حوالي سان اڄ ڊپٽي ڪمشنر اوله آفيس پاران ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر سيد جهانگير علي شاهه جي اڳواڻي ۾ هڪ ريلي جو اهتمام ڪيو ويو. ريلي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنرز، مختيارڪارز ۽ آفيس جي عملي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. شرڪت ڪندڙن قومي يڪجهتي جو اظهار ڪيو ۽ پاڪستان جي سفارتي ڪاميابين کي ساراهيو.ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر سيد جهانگير علي شاهه پنهنجي خطاب ۾ چيو ته پاڪستان هميشه امن جو داعي رهيو آهي ۽ علائقائي استحڪام لاءِ پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي. هن وڌيڪ چيو ته ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ جنگبندي ڪرائڻ ۾ پاڪستان جو ڪردار نه رڳو علائقي پر سڄي دنيا لاءِ هڪ مثبت مثال آهي. اهڙين ڪوششن سان پاڪستان جي عالمي ساک ۾ اضافو ٿيو آهي. ريلي جي شرڪت ڪندڙن هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کنيا، جن تي امن، اتحاد ۽ پاڪستان جي سفارتي ڪاميابي بابت نعرا درج هئا. آخر ۾ گڏيل دعا ڪئي وئي، جنهن ۾ ملڪ جي ترقي، سلامتي ۽ استحڪام لاءِ الله تعاليٰ کان مدد گهري وئي.هن ”يومِ شڪر“ جي تقريبن جو مقصد نه صرف الله جو شڪر ادا ڪرڻ آهي پر عوام ۾ قومي يڪجهتي ۽ حب

بقايا عوامي سوچ 20

ته منهنجو اڳوڻو گهر وارو علي بخش کهري جنهن سان منهنجي طلاق ٿي چڪي آهي ۽ ان مان مون کي هڪ نياڻي ۽ هڪ پٽ جو اولاد آهي طلاق کان پوءِ ڪورٽ سڳوري ۾ ڪيس هليا جنهن بعد منهنجا ٻئي اولادمنهنجي اڳوڻي گهرواري وٽ زير پرورش هئا ان بعد موجوده وقت ۾ منهنجي نياڻي گل نساء جي شادي زبردستي بنا مرضي غير ذات ۾ ڪرائڻ ٿي چاهي جنهن جي اجازت ماء ڪان پڻ نه ورتي جنهن اعتراض بعد منهنجي نياڻي گل نساء جيڪا عاقل بالغ آهي ۽ پنهنجي مرضي سان مون سڳي ماء وٽ پهتي آهي ۽ گل نساء جو چوڻ آهي ته آئون پي جي مرضي سان غير ذات ۾ شادي نٿي ڪرڻ چاهيان منهنجو والد علي بخش کهري جيڪو ملڪاڻي ڳوٺ رمضان احمداڻي مير ڪوٽ جو رهواسي آهي مختلف ٿاڻن تي منهنجي سڳي ماء ۽ منهنجي خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي مون کي زبردستي واپس کڻي وڃڻ ٿو چاهي جيڪا منهنجي مرضي جي خلاف آهي آئون عاقل بالغ آهيان ۽ ايس ايس پي بدين کان اپيل ٿي ڪريان مون کي تحفظ ڏنو وڃي ۽ منهنجي ۽ منهنجي والده خلاف ڪوڙ ڪيس داخل نه ڪيو وڃي ۽ جيڪڏهن منهنجو والد مون کي زبردستي کڻي وڃڻ جي ڪوشش ڪري ته اسان کي پوليس جي مدد ڏني وڃي

بقايا عوامي سوچ 21

پلي پٿورو ڊورونارو چور نيو چور ڪوڪڙو پار ٽرين جي بحالي لاء شادي پلي اسٽيشن چوڪ تي احتجاج ڪيو ويو مظاهرن جو چوڻ هو ته ماروي پيسنجر ٽرين بند ڪري عوام ۽ ٿرجي مارئڙن ماڻهن کان سهولتي سفر کان محروم ڪيو ويو آهي هنن وڌيڪ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته مسڪين ماڻهن بيچيني ختم ڪئي وڃي اسان سان انصاف ڪيو وڃين ان موقعي تي رهواسين چيو ته گذريل هڪ مهيني کان ماروي ٽرين بند آهي جنهن سبب هتان جا رهواسي سستي سفري سهولت کان محروم ٿي ويا آهن هنن وفاقي وزير ريلوي ۽ ٻين اعلا اختيارين کان گهر ڪئي ته بنا دير ماروي ٽرين کي بحال ڪيو وڃي ته جيئن هتي جي رهواسين کي سستي سفري سهولت ملي سگهي

بقايا عوامي سوچ 22

ڳوٺ عزيز ڪلمتي سميت ٻين پاڙن ۽ وسندين جو دورو ڪري ترقياتي ڪمن جو افتتاح ڪيو. جتي مقامي ماڻهن پاران سندس شاندار استقبال ڪيو ويو. صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري سان گڏ پ پ جو نوجوان اڳواڻ عاشق حسين زرداري، ضلعي ڪائونسل ٺٽي جو چيئرمين عبدالحميد پنهور، محمد رمضان پنهور، شاهنواز لوهار، نظير احمد زرداري ۽ ٻيا اڳواڻ گڏ هئا. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي صوبائي وزير هاجي علي حسن زرداري چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت ۽ پاليسين تحت تڪ ۾ ترقياتي ڪمن کي ترجيحي بنيادن تي مڪمل ڪيو پيو وڃي، هن زور ڀريو ته اهي منصوبا عوام جي سهولت لاءِ آهن ۽ انهن کي ڪنهن به قسم جو احسان نه ٿو سمجهجي، بلڪ هو پاڻ کي عوام جي محبتن ۽ عزت جو مقروض آهي. هن چيو ته ترقياتي ڪم ڪرائڻ سندس ذاتي شوق ۽ ذميواري آهي، سندس خواهش آهي ته علائقي جي ماڻهن کي سفري سهولتون بهتر نموني سان ميسر ٿين، جيئن سندن روزمره زندگي ۾ آساني پيدا ٿئي ۽ معاشي سرگرمين ۾ واڌارو اچي، صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري چيو ته هن خطي جي ترقي لاءِ مختلف ڪارخانا لڳرائي صنعتن کي زور وٺرايو پيو وڃي، اسان چاهيون ٿا ته هتي جي ماڻهن کي روزگار جا وسيلا فراهم ٿين، جنهن لاءِ ڪوشان آهيون.

بقايا عوامي سوچ 23

و غضنفر علي قادري جي صدارت هيٺ دربار هال ۾ سروس ڊليوري ڪميشن ايڪريڊيشن ڪميٽي جو اعليٰ سطحي اجلاس منعقد ٿيو. جنهن ۾ ضلعي جي اسڪولن کي درپيش مسئلن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. اجلاس ۾ بند پيل اسڪولن کي ڀيهر کولڻ، استادن جي حاضري کي يقيني بڻائڻ، تعليمي معيار کي بهتر بڻائڻ ۽ اسڪولن ۾ فرنيچر ۽ مرمتي ڪم جي ڪوٽ کي پورو ڪرڻ سميت اهم معاملن تي غور ڪيو ويو. ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو لاڳاپيل آفيسرن کي سخت هدايتون ڏيندي چيو ته ضلعي ۾ موجود اسڪولن ۾ درپيش مسئلن کي فوري طور تي فعال ڪيا وڃي، هڪ هفتي اندر سمورن اسڪولن جي مڪمل رپورٽ ڊي سي آفيس ۾ جمع ڪرائي وڃي، هن چيف مانيٽرنگ آفيسر کي هدايت ڪئي ته غير حاضر استادن جي فهرست تيار ڪري انهن خلاف قانوني ڪارروائي لاءِ قدم کنيا وڃن. ڊي سي چيو ته اسڪولن ۾ جاري مرمتي ڪم کي ترجيحي بنيادن تي مڪمل ڪيو وڃي ته جيئن شاگردن جي تعليم جو عمل متاثر نه ٿئي. ڊپٽي ڪمشنر وڌيڪ چيو ته تعليم حڪومت جي اولين ترجيح آهي ۽ ان معاملي ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت يا لاپرواهي برداشت نه ڪئي ويندي، چو ته اهو سڌو سنئون شاگردن جي مستقبل سان لاڳاپيل آهي. اجلاس ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون بابر خان نظاماڻي، چيف مانيٽرنگ آفيسر فرح سمون، تعلقن جي اسسٽنٽ ڪمشنرن، ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر، ڊي او پرائمري، ڊي او سيڪنڊري، ڄامشورو بار ڪائونسل سميت ٻين لاڳاپيل کاتن جا آفيسر موجود هئا

بقايا عوامي سوچ 24

جنهن جي رپورٽ خورشيد ٿاڻي تي داخل آهي جنهن ۾ رهواسين ميڊيا اڳيان دانهيو آهي ته اسان سان انصاف ڪيو وڃي اسين غريب مسڪين ماڻهو مزدوري ڪندڙ آهيون اسان جي موٽرسايبيڪل رات چوري ٿي ويي آهي جنهن چوري ڪيي آهي ذريعن وٽان معلوم ٿيو آهي ته اها گاڏي آيبس جي موالين خالد شيخ عرفان شيخ ساگر سومرو اوڊ جو هڪ افراد پايي نالي شخص بي شامل آهي جنهن هي چوري ڪيي آهي اسين ايس ايس پي ڄامشورو ڊي ايس پي ڪوٽڙي سميت سايٽ ايس ايڇ او ۽ خورشيد پوليس پوسٽ کي درخواست ٿا ڪريون ته اسان سان انصاف ڪيو وڃي ۽ اسان جي چوري ٿيل گاڏي واپس ڪرايي ڏني وڃي جيين ته ذريعن کان هي به صبح معلوم ٿيو آهي ته چوري ٿيل گاڏي آيبس جا موالي آهن گاڏي کي لڪايڻ لاءِ گاڏي قديمي واجد بري درگاهه لڳ محسن شاهه تي ڪاهي ويا ليڪن ڪجهه دير اها گاڏي ڪاهي ڪنهن ٻيي هنڌ فرار ڪجهه ثبوت طور آيبس جي موالين جو رڪارڊنگس به رڪارڊ موجود آهن جنهن ۾ آيبس جا موالي پنهنجو پاڻ ۾ شور ۽ هڪ ٻيي ته چوري جون ڳالهيون اچالڻ لڳا

بقايا عوامي سوچ 25

هلندڙ مالي سال ۾ ڪل 68 فيڊرز تي فراهم ڪئي ويندي. چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر حيسڪو فيض الله ڏاهري. حيسڪو جي ترجمان موجب چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر فيض الله ڏاهري KVNG 11 Seven (NG_7)فيڊر کي لوڊشيڊنگ فري بڻائڻ واري تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته عوام خاص ڪري چونڊيل عوامي نمائندن جي ڀرپور سهڪار سان KVNG 11 Seven (NG_7)کي لوڊشيڊنگ فري انتظاميه بڻايو آهي، جڏهن ته انتظاميا پاران لوڊشيڊنگ جي سفر کي جاري رکڻ جو سلسلو جاري آهي. هي 47 هون فيڊر آهي جنهن کي لوڊشيڊنگ فري بڻايو ويو آهي، هاڻي هن فيڊر تي بجلي جي لوڊشيڊنگ نه ٿيندي، هن کان اڳ 11 46 ڪي وي فيڊرز تي زيرو لوڊشيڊنگ ٿي چڪي آهي، هلندڙ مالي سال ۾ ڪل 68 ڪي وي فيڊرز تي اها سهولت فراهم ڪئي ويندي، سڀ کان پهريان توهان سڀني کي مبارڪباد پيش ڪجي ٿي ته اڄ ڪي وي 1 جي انتظاميا HESCO کي پڻ نصب ڪيو آهي. (NG_7) فيڊر جو 132 KVسب اسٽيشن سائيٽ ڪوٽڙي. زيرو لوڊشيڊنگ ڪئي آهي، عوام/صارفين کي مان توهان کي مبارڪباد ڏيان ٿو ته توهان 100 سيڪڙو بل ادا ڪيو مان شڪر گذار آهيان حقيقت اها آهي ته توهان هڪ اسٽار صارف آهيو. توهان کي زيرو لوڊشيڊنگ جي سهولت حاصل ڪرڻ جو حق حاصل آهي. نگراني پڻ لازمي آهي. ڇاڪاڻ ته هن ڪم ۾ محفوظ ڪرڻ ۽ ڪم ڪرڻ شامل آهي. توهان جي ۽ اسان جي وچ ۾ هڪ معاهدو آهي جنهن کي اسين اخلاقي معاهدو به چوندا آهيون. مان چاهيان ٿو ته هن فيڊر کي هميشه زيرو لوڊشيڊنگ تي رکيو وڃي، اسان ۽ توهان هن سهولت کي برقرار رکڻ جي پوري ڪوشش ڪنداسين. MOU تي دستخط ڪريو جنهن ۾ ٽي نقطا آهن (1) اسان چوري جي اجازت نه ڏينداسين، (2) اسان پاڻ ڪي چوري نه ڪنداسين، (3) اسان نقصان کي 20 سيڪڙو کان گهٽ رکو ۽ وصولي 100 سيڪڙو رکون ۽ تقسيم جي نظام کي برقرار رکنداسين. ته جيئن AT&Cڪنٽرول ۾ رهي، جيڪڏهن هن فيڊر تي ڪڏهن به ڪوفالٽ ٿئي ٿو ته حيسڪو جو ٽيڪنيڪل عملو ان کي جلد صحيح ڪندو. ان موقعي تي مان پنهنجي حيسڪو ٽيم کي به مبارڪباد ڏيان ٿو. هلندڙ مالي سال ۾ 11 68 ڪي وي فيڊرز زيرو لوڊشيڊنگ ڪندا. ٽن سالن ۾ 11 ڪي وي جا 70 سيڪڙو فيڊرز زيرو لوڊشيڊنگ ڪندا. ترقي جو سفر جاري رهي، گراهڪن جو اعتماد بحال ٿئي، اهو سندن ڀرپور تعاون سان ممڪن آهي. مان ايس اي سرڪل لاڙ سهيل احمد شيخ، ايڪسين آپريشن ڊويزن ڪوٽڙي اختر احمد ميمڻ، ايس ڊي او آپريشن سب ڊويزن ڪوٽڙي گل بهار کي مبارڪباد ڏيان ٿو جيڪي اسان جي حيسڪو ٽيم جو حصو آهن. هي سموري ٽيم جي محنت جو نتيجو آهي. تقريب کي خطاب ڪندي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر فيض الله ڏاهري جي اڳواڻي ۾ معزز گراهڪ کي زيرو لوڊشيڊنگ فيڊر جي سهولت فراهم ڪئي پئي وڃي، هو پنهنجي معزز گراهڪن کي انسانيت جي خدمت جي جذبي سان بجلي فراهم ڪري رهيا آهن، هو پنهنجي گراهڪ سان سٺو سلوڪ ڪن ٿا ۽ تقريب ۾ آيل سمورن مهمانن کي پليڪار ڪندي انهن جو شڪريو ادا ڪيو ۽ چيو ته اسان فيڊرز کي فيڊ لوڊشيڊنگ جي حوالي سان ڪم ڪري رهيا آهيون. هن چيو ته اين جي سيون (NG_7) فيڊر تي ڪل 52 ٽرانسفارمر ۽ 619 واهپيدار آهن. جيڪي سسٽم جي بهتري ۽ بحالي ۾ مدد ڪري رهيا آهن. وڌيڪ چيوويو ته NG_7 (NG_7)فيڊر کي لوڊشيڊنگ فري بڻائڻ لاءِ لائين لاسز ۾ نمايان گهٽتائي ۽ وصولي جي بهتر شرح کي يقيني بڻايو ويو آهي. جيڪڏهن صورتحال ڪنهن به مرحلي تي خراب ٿي ته لوڊشيڊنگ ڀيهر پاليسي موجب لاڳو ڪري سگهجي ٿي. شهرين ۽ واپارين ان قدم جي آجيان ڪئي آهي ۽ اميد ظاهر ڪئي آهي ته بجلي جي اڻٽٽ فراهمي سان نه رڳو روزمره جي زندگي آسان ٿيندي پر ڪاروباري سرگرمين کي به هٿي ملندي. اڄ کان 24 ڪلاڪ بجلي فراهم ڪئي ويندي. عوام کي گذارش آهي ته بجلي جا بل وقت تي جمع ڪرائن ته 24 ڪلاڪ بجلي ملندي. هن پنهنجي ٽيڪنيڪل اسٽاف کي مبارڪباد ڏني ۽ عوام کي مبارڪباد ڏني. تقريب جي شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت سان ٿي. هن تقريب ۾ اين جي_7 فيڊر جا خاص مهمان قومي اسيمبلي جو ميمبر ملڪ اسد سڪندر، صوبائي اسيمبلي جو ميمبر ڊاڪٽر سڪندر شورو، فوڪل پرسن/ايم اين اي ڄامشورو مشتاق احمد عباسي، فوڪل پرسن منور حسين گوپانگ، حاجي ضياءُ الرحمان وائيس چيئرمين نوري آباد ايسوسيئيشن اينڊ انڊسٽري هئا، جڏهن ته حيسڪو کان چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر فيض الله ڏاهري سماجي اڳواڻ جنيد ڏاهري، ڊي جي مير عبدالمجيد جتوئي، چيف سپلائي چين مئنيجمينٽ عمار خان جدون، چيف ٽيڪنيڪل/ انجنيئرنگ ايڊوائيزر طفيل ميربحر، مئنيجر (فنانس) دين محمد ڪيريو، انچارج جي پي ڊي سي غلام سرور انڙ، پي ايس او جاويد احمد صديقي، ايس اي آپريشن سرڪل لاڙ سهيل احمد شيخ، ڊپٽي ڊائريڪٽر ٽيڪنيڪل افتخار احمد سومرو، ڊپٽي ڪمرشل مئنيجر نزاڪت علي ميمڻ، ايڪسين آپريشن ڊويزن ڪوٽڙي اختيار احمد ميمڻ، ايس ڊي او آپريشن به شامل هئا. ڊويزنل ڪمشنر گل بهار، ڊپٽي مئنيجر (پي آر) محمد صادق ڪنيرو ۽ ٻيا آفيسر موجود هئا.

بقايا عوامي سوچ 26

سٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز (لمس)، ڄامشورو جو دورو ڪيو وائيس چانسلر لمس، پروفيسر ڊاڪٽر اڪرام دين اڄڻ معزز مهمانن جو گرمجوشي سان استقبال ڪيو. ان موقعي تي هن مهمانن کي سنڌي ثقافت جي علامت اجرڪ ۽ هڪ يادگاري شيلڊ پيش ڪئي. استقباليه تقريب کان پوءِ وائيس چانسلر سينيئر فيڪلٽي ميمبرن سان گڏ وفد کي يونيورسٽي جو تفصيلي دورو ڪرايو. ان دوران وفد کي مختلف تعليمي شعبن، جديد سهولتن ۽ جاري ترقياتي منصوبن بابت بريفنگ ڏني وئي. دوري دوران ايم. ڊي. اقبال حسين خان پاڪستان جي هڪ نامور ميڊيڪل يونيورسٽي جو دورو ڪرڻ تي خوشي جو اظهار ڪيو. هن يونيورسٽي جي تعليمي ماحول، انفراسٽرڪچر ۽ مجموعي ترقي کي ساراهيندي چيو ته لمس هڪ وڏي، منظم ۽ ترقي ڪندڙ اداري طور سڃاتي وڃي ٿي. هن وڌيڪ چيو ته هن وقت ڪيترائي بنگلاديشي شاگرد لمس ۾ مختلف اسڪالرشپ پروگرامن، جن ۾ علامه اقبال اسڪالرشپس، ۽ سلف تي داخلائون شامل آهن. هن چيو ته ايندڙ سالن ۾ لمس پاڪستان ۽ بنگلاديش جي وچ ۾ تعليمي تعاون کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي. هن زور ڏنو ته ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ تعليمي تعاون جا وسيع موقعا موجود آهن، جيڪي گڏيل سمجهه ۽ تعليمي ترقي کي وڌيڪ هٿي ڏيندا. دوري جو اختتام خوشگوار ماحول ۾ ٿيو، جتي باهمي احترام، خيرسگالي ۽ تعليمي لاڳاپن کي وڌائڻ جي عزم جو اظهار ڪيو ويو. دوري کان پوءِ ايم. ڊي. اقبال حسين خان يونيورسٽي ۾ پڙهندڙ بنگلاديشي شاگردن سان به ملاقات ڪئي ۽ يونيورسٽي انتظاميا تي اعتماد جو اظهار ڪيو. وائيس چانسلر لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز (لمس)، پروفيسر ڊاڪٽر اڪرام دين اڄڻ چيو ته بنگلاديش هاءِ ڪميشن جي وفد جو دورو يونيورسٽي لاءِ وڏي فخر جو باعث آهي. هن چيو ته لمس معياري طبي تعليم، تحقيقي موقعن ۽ شاگردن لاءِ سازگار تعليمي ماحول فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي. هن وڌيڪ چيو ته بنگلاديشي شاگردن جي موجودگي ٻنهي برادر ملڪن وچ ۾ مضبوط تعليمي لاڳاپن جي عڪاسي ڪري ٿي. هن وڌيڪ چيو ته يونيورسٽي پنهنجو تعليمي معيار، انفراسٽرڪچر ۽ شاگردن جون سهولتون جديد ضرورتن مطابق مسلسل بهتر بڻائي رهي آهي. هن بنگلاديش هاءِ ڪميشن جي تعليمي تعاون ۾ دلچسپي کي ساراهيو ۽ اميد ظاهر ڪئي ته اهڙا رابطا گڏيل تحقيق، شاگردن جي تبادلي ۽ تعليمي تعاون جا نوان موقعا پيدا ڪندا. آخر ۾ هن ان عزم جو اظهار ڪيو ته لمس عالمي تعليمي شراڪتداري کي هٿي ڏيڻ ۽ علمي تعاون کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڪردار جاري رکندي

بقايا عوامي سوچ 27

بب جتي ڪيترائي مستحق شاگرد اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ کان محروم رهجي وڃن ٿا، اتي اڳوڻي ايم اين اي ڪشنچند پارواڻي پاران ”ڪشنچند پارواڻي انسٽيٽيوٽ آف سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي“ جو بنياد رکڻ هڪ وڏي خدمت آهي هن اداري جي افتتاحي تقريب ۾ علائقي جي سياسي ۽ سماجي اڳواڻن، تعليم دانن، صحافين، شاگردن ۽ عام شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب دوران مقررين پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته هي ادارو خاص طور تي انهن غريب شاگردن لاءِ قائم ڪيو ويو آهي، جيڪي مالي مشڪلاتن سبب پنهنجي تعليم جاري نٿا رکي سگهجن هن اداري ذريعي نه صرف غريب شاگردن کي تعليم حاصل جو موقعو ملندو هن علائقي ۾ شعور ترقي ۽ خوشحالي جو نئون دور پڻ شروع ٿيندو

بقايا عوامي سوچ 28

پر هن سيريز ۾ ٽيم مينيجمينٽ ۾ تبديلين جو امڪان آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته عمر گل کي بالنگ ڪوچ ۽ اسد شفيق کي بيٽنگ ڪوچ جون ذميواريون ڏيڻ جو امڪان آهي. اڳوڻو ڪپتان سرفراز احمد ريڊ بال هيڊ ڪوچ طور ذميواريون شروع ڪندو. واضح رهي ته پاڪستان کي ايندڙ مهيني ٻن ٽيسٽ ميچن جي سيريز لاءِ بنگلاديش جو دورو ڪرڻو آهي.

بقايا عوامي سوچ 29

وارثن سان افسوس جو اظهار ڪري ٿي.

بقايا عوامي سوچ 30

15 سالن ڪانپوءِ بنگلاديش جو دورو ڪندي. ڪرڪيٽ آسٽريليا طرفان ڪيل اعلان موجب آسٽريليا ۽ بنگلاديش وچ ۾ 3 ون ڊي ۽ 3 ٽي ٽوئنٽي ميچون کيڏيون وينديون. ٽئي ون ڊي ميچون ڍاڪا ۽ ٽي ٽوئنٽي ميچون چٽاگرام ۾ کيڏيون وينديون. ڪرڪيٽ آسٽريليا موجب بنگلاديش جي دوري کان اڳ آسٽريلوي ٽيم پاڪستان جو به رُخ ڪندي، جتي 3 ون ڊي ميچون کيڏيون وينديون.

بقايا عوامي سوچ 31

سوشل ميڊيا پليٽ فارم تي پوسٽن ۾ دعويٰ ڪئي آهي ته ڪيترائي سال اڳ ميلبورن جي هڪيو آهي. هن چيو ته مان پنهنجون سموريون رپورٽون مڪمل ڪري چڪي آهيان ۽ هاڻ پوليس جي هدايت موجب ان معاملي تي وڌيڪ عوامي گفتگو نٿي ڪري سگهان. آسٽريلوي پوليس تصديق ڪئي آهي ته ان مبينا واقعي جي جاچ جاري آهي، ميلبورن جي جنسي هراساني بابت انويسٽيگيشن ٽيم جاچ ڪري رهي آهي، اهو واقعو مبينا طور 2010 ۾ پيش آيو. هوڏانهن ڪيٽي پيري جي ٽيم اهڙن الزامن کي رد ڪندي چيو آهي ته روبي روز ماضي ۾ به مختلف شخصيتن تي سنگين الزام هنيا، جيڪي لاڳاپيل ماڻهن رد ڪيا.

ڳوٺ ماما علي نواز جوکيو، يوسي ڪوهستان 7/4 جنگشاهي ۾ ڊينگي جا ڪيس ظاهر ٿيڻ لڳا

جنهن سبب علائقي واسين ۾ ڳڻتي جي لهر پکڙجي وئي آهي اپريل مهيني دوران هينئر تائين ڊينگي جا 5 ڪيس رپورٽ ٿي چڪا آهن

علائقي ۾ ڊينگي جي وڌندڙ ڪيسن سبب رهواسين کي سخت پريشاني کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي

فوري طور تي ڳوٺ ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ اسپري مهم شروع ڪئي وڃي ته جيئن ڊينگي وائرس کي وڌيڪ پکڙجڻ کان روڪي سگهجي

جنگشاهي(رپورٽر ذوالفقار علي) ڳوٺ ماما علي نوازجوکيو، يوسي ڪوهستان 7/4 جنگشاهي ۾ ڊينگي جا ڪيس ظاهر ٿيڻ لڳا آهن. جنهن سبب علائقي واسين ۾ ڳڻتي جي لهر پکڙجي وئي آهي. اپريل مهيني دوران هينئر تائين ڊينگي جا 5/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

تعليمي بورڊ ميرپورخاص جي ميگا ڪرپشن اسڪينڊل ڪيس ۾ نامزد مرڪزي جوابدار گرفتار

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) تعليمي بورڊ ميرپورخاص جي ميگا ڪرپشن اسڪينڊل ڪيس ۾ نامزد مرڪزي جوابدار، اڳوڻو ڪنٽرولر انور عليم خانزاد کي گرفتار ڪيو ويو آهي. ذريعن موجب جوابدار تي ميٽرڪ ۽ انٽرميڊيئيٽ جا هزارين جعلي سرٽيفڪيٽ جاري ڪرڻ، شاگردن جا نمبر غيرقانوني طور وڌائڻ ۽ لڳ ڀڳ ۾ ارب پنجاهه ڪروڙ رپين جي مبينا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

سنڌ حڪومت جي طرفان عورتن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ ”پنڪ اي وي اسڪوٽي اسڪيم“ تحت اهم قدم کنيو

جنهن جي سلسلي ۾ ميرپورخاص ۾ شاگرديائين ۽ ڪم ڪندڙ عورتن کي اسڪوٽي هلائڻ جي ٽريننگ ڏني پئي وڃي

ٽريننگ ٽن ڏينهن تي مشتمل آهي جنهن دوران روڊ سيفٽي، اسڪوٽي ڪنٽرول ۽ ڊرائيونگ جي بنيادي مهارتن بابت سکيا ڏني وڃي ٿي

ٽريننگ مڪمل ٿيڻ بعد اميدوارن کان ٽيسٽ ورتي ويندي ۽ ٽيسٽ پاس ڪندڙ شاگرديائين کي اسڪوٽيون فراهم ڪيون وينديون

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) سنڌ حڪومت جي طرفان عورتن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ ”پنڪ اي وي اسڪوٽي اسڪيم“ تحت اهم قدم کنيو ويو آهي. جنهن جي سلسلي ۾ ميرپورخاص ۾ شاگرديائين ۽ ڪم ڪندڙ عورتن کي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

بلوچ آباد چوڻڪ تي ڪلوئي پوليس گردي انتقامي طور ڪوڙين ايف آءِ آر جي داخل ڪرڻ تي احتجاج

سياسي سماجي اڳواڻ محمد خان لنڊ جي اڳواڻي ۾ ڌرڻو هڻي سخت نعريبازي ڪئي وئي

ٿر ڪول روڊ تي سوين گاڏيون بيهجي ويون ۽ جتي ڊيپلو ڪلوئي مٺي مان وڏي پوليس نفري پهتي

مٺي (ڊ_رمحمدرحيم مگريو) ڪلوئي ۾ ٿر ڪول روڊ بلوچ آباد چوڻڪ تي ڪلوئي پوليس گردي انتقامي طور ڪوڙين ايف آءِ آر جي داخل ڪرڻ تي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

خاصخيلي برادري تي ڪيل حملي خلاف سول سوسائٽي، سياسي ۽ سماجي اڳواڻن پاران احتجاجي مظاهرو

ريلي ميرغلام علي پارڪ کان شروع ٿي پريس ڪلب تائين پهتي، جتي مظاهرين پوليس انتظاميا خلاف سخت نعريبازي ڪئي

احتجاجي ريلي جي اڳواڻي رضا محمد خاصخيلي، منور سومرو، الله بخش چوهاڻ ۽ ٻين ڪئي

ڪار پارڪنگ جي آڙ ۾ ڀتا طلب ڪرڻ تي خاصخيلي برادري جي ماڻهن تي حملو ڪيو ويو

ٽنڊو محمد خان (سلمان شيخ) ٽنڊو محمد خان ۾ قبضي مافيا پاران خاصخيلي برادري تي ڪيل حملي خلاف سول سوسائٽي، سياسي ۽ سماجي اڳواڻن پاران احتجاجي مظاهرو ۽ پيادل مارچ ڪيو ويو ريلي ميرغلام علي پارڪ کان شروع ٿي پر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

ڊويزنل ڪمشنر جلال الدين مهر ڪالهه غريب آباد (نمبري) جو دورو ڪيو

جيئن پوليو مهم دوران پوليو ٽيمن جي ڪارڪردگي جو جائزو وٺي سگهجي : ڪمشنر

پوليو جي خاتمي ۾ پوليو ورڪرز جو اهم ڪردار آهي. تنهن ڪري، انهن کي سنجيدگي سان ڪم ڪرڻ گهرجي

ضلعي صحت آفيسر ڊاڪٽر سنديپ ڪمار، ايريا انچارج، يو سي ايم او ڊاڪٽر زين پڻ موجود هئا

ميرپور خاص (بيوروچيف سومارسميجو) ڊويزنل ڪمشنر جلال الدين مهر ڪالهه غريب آباد (نمبري) جو دورو ڪيو ته جيئن پوليو مهم دوران پوليو ٽيمن جي ڪارڪردگي جو جائزو وٺي سگهجي. ان موقعي تي ڪمشنر چيو ته پوليو جي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

فيضان علي کي پاڻي جي ٽانڪي ۾ اڇلائي بيدردي سان قتل ڪرڻ واري واقعي جو ڪيس مقتول ٻار جي ناني جي مدعيت ۾ مٺي ٿاڻي تي داخل

مٺي (ڊ_رمحمدرحيم مگريو) مٺي شهر ۾ پنهنجي معصوم ٻار فيضان علي کي پاڻي جي ٽانڪي ۾ اڇلائي بيدردي سان قتل ڪرڻ واري واقعي جو ڪيس مقتول ٻار جي ناني جي مدعيت ۾ مٺي ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو آهي. پوليس جوابدار پيءُ جي خلاف قتل جي قلم 302 تحت ايف آئي آر درج ڪري ورتي آهي. ايف/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

ڪيس جي شفاف جاچ لاءِ مختلف پهلوئن تي تفصيلي ڪم ڪيو پيو وڃي: عزيز ٽالپر

جنهن ۾ لاڳاپيل ماڻهن جا بيان رڪارڊ ڪرڻ، شاگرديائي جي ڪلاس فيلوز، دوستن ۽ فيملي ميمبرن سان ڳالهيون ڪرڻ شامل آهن

امڪاني مسئلن بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ فرسٽ ايئر کان وٺي آخري ڪلاس تائين سائنس پڙهندڙ شاگردن کان به پڇا ڳاڇا ڪئي وئي آهي

ڇا هن پنهنجي پريشاني ڪنهن سان شيئر ڪئي هئي يا نه ڪميٽي نجي ميڊيڪل ڪاليج رڪارڊ، شڪايتن ۽ لاڳاپيل دستاويزن جو به جائزو ورتو

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ڊاڪٽر فهميده لغاري ڪيس بابت جوڙيل پنج رڪني جاچ ڪميٽي جي اڳواڻ سهائي عزيز ٽالپر ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته ڪيس جي شفاف جاچ لاءِ مختلف پهلوئن تي تفصيلي ڪم ڪيو پيو وڃ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

ڪيٽي بندر ۾ خانگي ڪلينڪ تي عطائي ڊسپينسر جي مبينا غلط انجيڪشن لڳڻ سبب 8 مهينن جو معصوم ٻارڙو عرفان شاهه فوت

واقعي ڪانپوءِ جوابدار ڪلينڪ کي تالا هڻي فرار ٿي ويا آهن، پورهيت جي گهر ۾ ماتم برپا ٿي ويو

معصوم پٽ عرفان شاهه کي معمولي بخار ٿيڻ تي ٻگهاڙ شهر جي ريشم گلي ۾ واقع ڊاڪٽر جيئند خاصخيلي جي پرائيويٽ ڪلينڪ تي کڻي آيو

ڪلينڪ تي موجود سيڪڙاٽ ڊسپينسر لقمان ساڪاڻي بلوچ ٻارڙي جو معائنو ڪرڻ ڪانپوءِ کيس هڪ انجيڪشن لڳائي

ڪيٽي بندر (رپورٽ: خليفو نادر علي) ڪيٽي بندر ويجهو ٻگهاڙ شهر جي ريشم گلي ۾ قائم هڪ خانگي ڪلينڪ تي عطائي ڊسپينسر جي مبينا غلط انجيڪشن لڳڻ سبب 8 مهينن جو معصوم ٻارڙو عرفان شاهه فوت ٿي ويو. واقعي ڪانپوءِ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

سجاول ۾ پليپوٽا برادري جو معزز عبدالغفور پليپوٽو عمري جي سعادت ماڻڻ بعد واپس پهچي ويو

پريس ڪلب سجاول جي صدر حنيف ملاح سينئر صحافي ۽ شاعر امداد حسين پناهڻ امتياز ميمڻ راز حسين غلام مصطفيٰ سومرو اسلم شاهه محمد خان رفيق احمد ملاح مبارڪباد ڏني

مختلف برادري جي ماڻهن ۽ شهرين وڏي تعداد ۾ پليپوٽا هائوس تي پهچي عبدالغفور پليپوٽو کي اجرڪون اوڍائي مبارڪون ڏنيون

سجاول (رپورٽ امتياز ميمڻ) سجاول ۾ سماجي خدمتگار ۽ پليپوٽا برادري جو معزز عبدالغفور پليپوٽو عمري جي سعادت ماڻڻ بعد واپس پهچي ويو پريس ڪلب سجاول جي صدر حنيف ملاح سينئر صحافي ۽ شاعر امداد حسين پناهڻ امتياز ميمڻ راز حسين غلام مصطفيٰ سومرو اسلم شاهه محمد خان رفيق احمد ملاح سميت مختلف برادري جي ماڻهن ۽ شهرين وڏي تعداد ۾ پليپوٽا هائوس /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

سنڌ حڪومت ۽ مقامي انتظاميه ڊاڪٽر فهميده لغاري جي وارثن کي انصاف فراهم ڪرڻ لاءِ سنجيده آهي: خيرالنساءِ مغل

پاڪستان پيپلز پارٽي جي اعليٰ قيادت جي هدايتن تي هتي آئي آهي ته جيئن وارثن کي مڪمل انصاف ملي سگهي

پارليامينٽ ۾ وومين پارليامينٽرين ڪوڪس ۽ وومين ڪميشن جهڙا اهم فورم موجود آهن

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) پاڪستان پيپلز پارٽي جي اعليٰ قيادت، سنڌ حڪومت ۽ مقامي انتظاميه ڊاڪٽر فهميده لغاري جي وارثن کي انصاف فراهم ڪرڻ لاءِ سنجيده آهي ممبر صوبائي اسيمبلي ۽ پارليامان/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

شادي پلي جي رهواسين جي اڳواڻي ۾ ماروي پيسنجر حيدرآباد کان ٽرين جي بحالي لاءِ احتجاج

مسڪين ماڻهن بيچيني ختم ڪئي وڃي اسان سان انصاف ڪيو وڃين

گذريل هڪ مهيني کان ماروي ٽرين بند آهي جنهن سبب هتان جا رهواسي سستي سفري سهولت کان محروم ٿي ويا آهن

شادي پلي(رپورٽ علي شير شر)شادي پلي جي رهواسين جي اڳواڻي ۾ ماروي پيسنجر حيدر آباد کان ٽنڊو ڄام ٽنڊو الهيار ميرپور خاص شادي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

زينب ٽائون جي رهواسڻ زينت کهري سنڌس ڌي سميت احتجاج

منهنجو اڳوڻو گهر وارو علي بخش کهري جنهن سان منهنجي طلاق ٿي چڪي آهي

ان مان مون کي هڪ نياڻي ۽ هڪ پٽ جو اولاد آهي طلاق کان پوءِ ڪورٽ سڳوري ۾ ڪيس هليا

بدين (رجب راهمون) زينب ٽائون جي رهواسڻ زينت کهري سنڌس ڌي سان نيشنل پريس ڪلب بدين پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

حڪومت پاڪستان ملڪ ڀر ۾ ”يومِ شڪر“ ملهائڻ جو اعلان

جنهن تحت مختلف شهرن ۾ تقريبون، ريليون ۽ دعائيه اجتماع منعقد ڪيا پيا وڃن

ڪراچي جي ڊپٽي ڪمشنراولهه آفيس ۾ منعقد ٿيل ريلي پڻ ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ وڌندڙ تڪرار کي ختم ڪرائڻ ۾ پاڪستان جي اهم سفارتي ڪردار کي عالمي سطح ت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

شاهين ڪمپيوٽر سينٽر پٿورو ۾ پروگرام منعقد

ماستر عبدالعزيزابڙو استاد موهن لال. هتن ڪمار راڻو مل سميت شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت

پٿورو(رپورٽ علي شير شر) شاهين ڪمپيوٽر سينٽر پٿورو ۾ پڙهندڙ شاگردن کان ورتل ٽي ماهي ٽيسٽ جي رزلٽ جي حوالي سان پرنسپال غلام/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

سي پي ڊي آءِ پاڪستان ۾ بجيٽ شفافيت ۽ عملدرآمد جي احتساب ۾ موجود خال بابت رپورٽ جاري ڪري ڇڏي

نتيجا ميڊيا بريفنگ دوران ضلعي ۾ , پارٽنر سول سوسائٽي اداري جي سهڪار سان شيئر ڪيا

هن رپورٽ ۾ مالي سال 2024_25 تي ڌيان ڏنو ويو آهي

ٺٽو(رپوٽ واحدشورو) سي پي ڊي آءِ پاڪستان ۾ بجيٽ شفافيت ۽ عملدرآمد جي احتساب ۾ موجود خالن بابت رپورٽ جاري ڪري ڇڏي. سينٽ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

يوسف آئل مل ۾ ڪرنٽ لڳڻ سبب ٿامس آباد جو رهواسي حسيب ولد اسلام دين فوت ٿي ويو

ساٿس گڏ ڪم ڪندڙ نيڪ محمد ولد ميرمحمد دل سخت زخمي ٿي پيو

ٻنهي کي فوري طور سول اسپتال ميرپورخاص منتقل ڪيو ويو

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) پراڻي ميرپور ٿاڻي جي حد ۾ واقع يوسف آئل مل ۾ ڪرنٽ لڳڻ سبب ٿامس آباد جو رهواسي حسيب ولد/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

عوامي پورهيت تحريڪ طرفان نياڻين کي حراسان ڪري خودڪشي ڪرڻ تي مجبور ڪرڻ جي واقعن خلاف احتجاج

عورتن ۽ ڪارڪنن جي وڏي انگ جهنڊا ۽ پلي ڪارڊ کڻي ڪاروڪاري ۽ عورت دشمن دستور خلاف سخت نعريبازي

تعليمي ادارن مان نياڻين کي حراسان ڪندڙ خونخوار درندن کي نيڪالي ڏيو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) عوامي پورهيت تحريڪ طرفان سنڌ ۾ ڪاروڪاري جي نالي ۾ قتل جي واقعن ۽ تعليمي ادارن ۾ نياڻين کي حراسان ڪري/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

جدوجهد
تنظيم
تعليم
عوامي پورهيت تحريڪ
AWAMI PORHIAT TAHREEK

دادو جي رهواسين پاران مختلف ضلعن ۾ ڪوڙا ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاج

دادو ۽ شڪارپور ۾ 9 گهرياتين مٿان الڳ الڳ ڪيس داخل ڪرائي رڻ ٻاري جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي

وڪيل سان ٿيل اٽبڻت جو فيصلو پڻ ٿيل آهي پر ان باوجود به وڪالت جي آڙ ۾ اسان مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪرايا پيا وڃن

دادو(رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو شهر جي پير بخش ڪالوني جي رهواسين پاران مختلف ضلعن ۾ ڪوڙا ڪيس داخل ٿيڻ خلاف دادو پريس /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

دادو: پير بخش ڪالوني جا رهواسي وڪيل جي ناجائزين خلاف احتجاج ڪندي،

هاري جن هاري ڪارڊ ذريعي گورنمنٽ سبسڊي تحت ڪڻڪ جي لاءِ ٻج ۽ ڀاڻ ورتو

اهي پنهنجي ڪڻڪ ساڍا 12 مڻ. جيڪي 10 ڪتا تين تا

50 ڪلو في ايڪڙ جي حساب سان آيل موبائل ميسيج تحت ڪڻڪ فوڊ خريداري سينٽر تي پهچائين

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ڊسٽرڪٽ فوڊ ڪنٽرولر ٺٽو ۽ سجاول توڙي فوڊ ڪاتي ٺٽي طرفان ٻڌرو ڪيو ويو آهي ته اهي هاري جن هاري ڪارڊ ذريعي گورنم/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

جوهي جي ڳوٺ مانجهي لنڊ جي پريمي جوڙي دادو جي عدالت ۾ شريعت موجب نڪاح ڪري ڇڏيو

نوجوان غلام نبي پٽ غازي خان ڀير تحفظ لاءِ دادو پريس ڪلب پهچي ناري ريما ميڊيا آڏو ڏانهيو

منهنجو مڱڻو ماروٽ غلام نبي سان ٿيل هو، ڪائنس منهنجا مائٽ پئسا ونندا هئا

دادو(رپورٽ: محمد رفيق چنه) جوهي جي ڳوٺ مانجهي لنڊ جي پريمي جوڙي دادو جي عدالت ۾ شريعت موجب نڪاح ڪري ڇڏيو. پريمي جوڙو ناري/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

علي حسن زرداري ڳوٺ عزيز ڪلمتي سميت ٻين ڳوٺن ۽ وسندين جو دورو ڪري ترقياتي ڪمن جو افتتاح

پ پ جو نوجوان اڳواڻ عاشق حسين زرداري، ضلعي ڪائونسل ٺٽي جو چيئرمين عبدالحميد پنهور، محمد رمضان پنهور، شاهنواز لوهار، نظير احمد زرداري ۽ ٻيا اڳواڻ گڏ هئا

پاڪستان پيپلزپارٽي جي قيادت ۽ پاليسين تحت تڪ ۾ ترقياتي ڪمن کي ترجيحي بنيادن تي مڪمل ڪيو پيو وڃي

اهي منصوبا عوام جي سهولت لاءِ آهن ۽ انهن کي ڪنهن به قسم جو احسان نه ٿو سمجهجي

گهوڙاٻاري (شاهه خالدڏاتاري) صوبائي وزير ورڪس سروسز ۽ جيل علي حسن زرداري پنهنجي تڪ پي ايس 76 ميرپور ساڪرو جي مختلف ڳوٺن ڳوٺ حبيب خاصخيلي، ڳوٺ صالح ڪوڏڻ، عبدالله ڪوڏڻ، ڳوٺ محمد علي ڪوڏڻ،/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

ڄامشورو ضلعي ۾ تعليم جي معيار کي بهتر بڻائڻ لاءِ اسڪولن ۾ تعليمي معيار بهتر ڪرڻ لاءِ اهم اجلاس

ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري جي صدارت هيٺ دربار هال ۾ سروس ڊليوري ڪميشن ايڪريڊيشن ڪميٽي جو اعليٰ سطحي اجلاس منعقد

تعليمي معيار کي بهتر بڻائڻ ۽ اسڪولن ۾ فرنيچر ۽ مرمتي ڪم جي ڪوٽ کي پورو ڪرڻ سميت اهم معاملن تي غور ڪيو ويو

ضلعي ۾ موجود اسڪولن ۾ درپيش مسئلن کي فوري طور تي فعال ڪيا وڃي، هڪ هفتي اندر سمورن اسڪولن جي مڪمل رپورٽ ڊي سي آفيس ۾ جمع ڪرائي وڃي

ڄامشورو(رپورٽر)ضلعي ۾ تعليم جي معيار کي بهتر بڻائڻ لاءِ اسڪولن ۾ درپيش مسئلن، استادن جي حاضري يقيني بڻائڻ ۽ تعليمي معيار بهتر ڪرڻ لاءِ اهم اجلاس. ڊي سي ڄامشورو جون سخت هدايتون ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

ڪوٽڙي سائيٽ ۾ آئيس جي موالين جو آزار حد کان وڌي ويو

ڏوهه بي قابو پوليس چورن ڦورن کان واقف هوندي به آئيس جي موالين کي گرفتار نه پيي ڪري

غريب مسڪين ماڻهن جي سپر استار موٽر سائيڪل ڳاڙهو ڪلر 2013 ماڊل آئيس جي موالين چوري ڪري ورتي

ڄامشورو (رپورٽر)ڪوٽڙي سائيٽ ۾ آئيس جي موالين جو آزار حد کان وڌي ويو ڏوهه بي قابو پوليس چورن ڦورن کان واقف هوندي به آئيس جي موالين کي گرفتار نه پيي ڪري گذريل رات خورشيد پوليس پوسٽ بهار ڪالوني لڳ اوڊ ڪالوني ۾ ڪرايي تي ويٺل غريب مسڪين ماڻهن جي سپر استار موٽر سائيڪل ڳاڙهو ڪلر 2013 ماڊل آئيس جي موالين چوري ڪري ورت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

ڄامشورو:(11 KV VNG Seven NG_7)فيڊر لوڊشيڊنگ فري قرار

عوام خاص ڪري چونڊيل عوامي نمائندن جي ڀرپور سهڪار سان لوڊشيڊنگ فري انتظاميه بڻايو آهي: حيسڪو چيف

نقصان کي 20 سيڪڙو کان گهٽ، وصولي 100 سيڪڙو ۽ تقسيم جي نظام کي برقرار رکنداسين

ڄامشورو (رپورٽر) حيسڪو انتظاميا جي 11 KV VNG Seven (NG_7)فيڊر کي لوڊشيڊنگ کان پاڪ ڪري ڇڏيو آهي. حيسڪو علائقي جو 47 هون فيڊر آهي جنهن کي لوڊشيڊنگ فري بڻايو ويو آهي. هوڏانهن اها سهولت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

بنگلاديش هاءِ ڪميشن جي وفد جو لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز لمس ڄامشورو جو دورو

بنگلاديش جي هاءِ ڪمشنر ايم. ڊي. اقبال حسين خان پنهنجي وفد سميت لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز (لمس)، ڄامشورو جو دورو ڪيو

وائيس چانسلر لمس، پروفيسر ڊاڪٽر اڪرام دين اڄڻ معزز مهمانن جو گرمجوشي سان استقبال ڪيو

ان موقعي تي هن مهمانن کي سنڌي ثقافت جي علامت اجرڪ ۽ هڪ يادگاري شيلڊ پيش ڪئي

ڄامشورو (رپورٽر) بنگلاديش هاءِ ڪميشن جي وفد جو لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز (لمس) ، ڄامشورو جو دورو بنگلاديش جي هاءِ ڪمشنر ايم. ڊي. اقبال حسين خان پنهنجي وفد سميت لياقت يونيور/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

ڄامشورو: بنگلاديش هاءِ ڪميشن جي وفد جو لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز لمس ڄامشورو جو دورو ڪندي

پيرومل ۽ ڀرپاسي علم جي لاٽ کي روشن ڪرڻ لاءِ غريب شاگردن لاءِ مفت تعليمي اداري جو قيام هڪ اهم ۽ وقتائتو قدم

جيڪو سماجي ڀلائي ۽ تعليمي ترقي ڏانهن هڪ روشن مثال آهي وڌندڙ مهانگائي ۽ غربت سبب جتي ڪيترائي مستحق شاگرد اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ کان محروم رهجي وڃن ٿا

اتي اڳوڻي ايم اين اي ڪشنچند پارواڻي پاران ”ڪشنچند پارواڻي انسٽيٽيوٽ آف سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي“ جو بنياد رکڻ هڪ وڏي خدمت آهي

هن اداري جي افتتاحي تقريب ۾ علائقي جي سياسي ۽ سماجي اڳواڻن، تعليم دانن، صحافين، شاگردن ۽ عام شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

سانگهڙ(رپورٽر) پيرومل ۽ ڀر پاسي علم جي لاٽ کي روشن ڪرڻ لاءِ غريب شاگردن لاءِ مفت تعليمي اداري جو قيام هڪ اهم ۽ وقتائتو قدم آهي. جيڪو سماجي ڀلائي ۽ تعليمي ترقي ڏانهن هڪ روشن مثال آهي وڌندڙ مهانگائي ۽ غربت س/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

بنگلاديش خلاف ٽيسٽ سيريز، عمر گل ۽ اسد شفيق کي اهم ذميواريون ملڻ جو امڪان

بنگلاديش دوري لاءِ اڳوڻن ٽيسٽ ڪرڪيٽرن عمر گل ۽ اسد شفيق کي پاڪستان ٽيم مينيجمينٽ ۾ شامل ڪرڻ جو امڪان

پاڪستان آخري ٽيسٽ سيريز گذريل سال ڏکڻ آفريقا خلاف کيڏي هئي پر هن سيريز ۾ ٽيم مينيجمينٽ ۾ تبديلين جو امڪان

عمر گل کي بالنگ ڪوچ ۽ اسد شفيق کي بيٽنگ ڪوچ جون ذميواريون ڏيڻ جو امڪان آهي

لاهور (اسپورٽس نيوز) پاڪستان ٽيسٽ ٽيم جي بنگلاديش دوري لاءِ اڳوڻن ٽيسٽ ڪرڪيٽرن عمر گل ۽ اسد شفيق کي پاڪستان ٽيم مينيجمينٽ ۾ شامل ڪرڻ جو امڪان آهي. پاڪستان آخري ٽيسٽ سيريز گذريل سال ڏکڻ آفريقا خلاف کيڏي هئي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

قومي سائيڪلسٽ نتاليه خان 28 ورهين جي عمر ۾ لاڏاڻو ڪري وئي

ڪراچي (اسپورٽس نيوز) قومي سائيڪلسٽ نتاليه خان 28 ورهين جي عمر ۾ لاڏاڻو ڪري وئي. پاڪستان سائيڪلنگ فيڊريشن جي صدر سيد اظهر علي شاهه موجب قومي سطح جي سائيڪلسٽ ڳردن جي عارضي ۾ مبتلا هئي. هن ٻڌايو ته سرجري ڪانپوءِ نتاليه صحتياب نه ٿي سگهي ۽ سندس حالت وڌيڪ بگڙجي وئي هئي. پاڪستان سائيڪلنگ فيڊريشن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

ڪينگروز 15 سالن ڪانپوءِ وائيٽ بال سيريز لاءِ بنگالين جي ديس ويندا، شيڊيول جاري

ڪرڪيٽ آسٽريليا طرفان ڪيل اعلان موجب آسٽريليا ۽ بنگلاديش وچ ۾ 3 ون ڊي ۽ 3 ٽي ٽوئنٽي ميچون کيڏيون وينديون

بنگلاديش جي دوري کان اڳ آسٽريلوي ٽيم پاڪستان جو به رُخ ڪندي، جتي 3 ون ڊي ميچون کيڏيون وينديون

ڪينبرا (اسپورٽس نيوز) ڪرڪيٽ آسٽريليا بنگلاديش خلاف وائيٽ بال سيريز جي شيڊيول جو اعلان ڪري ڇڏيو جنهن تحت آسٽريلوي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

آسٽريلوي اداڪارا جا ڪيٽي پيري تي هراساني جا الزام، پوليس جاچ شروع ڪري ڇڏي

ڪيترائي سال اڳ ميلبورن جي هڪ نائيٽ ڪلب ۾ مون سان نامناسب رويو اختيار ڪيو ويو:روبي روز

مان ان واقعي تي وڏي عرصي کان چُپ رهيس پر هاڻ ان بابت ڳالهائڻ جو فيصلو ڪيو آهي

ڪينبرا (شوبز نيوز) جڳ مشهور گلوڪارا ڪيٽي پيري هڪ نئين تڪرار جي ور چڙهي وئي، آسٽريلوي اداڪارا روبي روز جي مٿس سنگين الزامن ڪانپوءِ پوليس جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. ميڊيا رپورٽن موجب روبي روز /ڏسو صفحو 3 بقايا نمب31